اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار ڪتابي سلسلو_17

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن

حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**

پروفيسر سيد عباد الله راشدي

**چيف ايڊيٽر**

محمد سليمان طاهر انڍڙ

**ايڊيٽر**

نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**

مفتي محمد صادق سومرو

عبدالستار عباسي

محمد انس راڄپر

محمد رفيق پرڳڙي

نديم احمد سولنگي

رجب / شعبان ١٤٣٢هه مطابق جون / جولاءِ 2011 ع

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول صلي الله عليه وسلم | ادارو | 3 |
| تعليمات اما شاهه ولي الله رحمته الله عليه | ادارو | 4 |
| اسماءَ الله الحسنيٰ | حضرت پير روضي ڌڻي | 5 |
| دين ۽ سياست ۾ منافقت | چيف ايڊيٽر | 6 |
| پاڙيءَ جي شرعي حقداري | مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ | 9 |
| قرآن جو گهربل معاشرو | مولانا شعيب الرحمان کهڙو | 15 |
| جان، جان هئي جيئري، ورچي نه ويني...! | ثناءُ الله سومرو | 23 |
| عليڪم بسنتي | مولانا شعيب الرحمان کهڙو | 30 |
| مذهب ۽ مادي ترقي | ثناءُ الله سومرو | 32 |

**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**

حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،

6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ، نيشنل هاءِ وي

موبائل: 03002707097 فون: 021-35000278 ڪراچي 75030

Website: www.hikmatequran.org – email: hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ عَظِيْمٌ ۝ (المائده-٩)

”الله تعاليٰ جو واعدو فقط انهن ماڻهن سان آهي، جن شخصن الله تي ايمان آندو ۽ صالح عملن سان سينگارجي ويا. پوءِ انهن شخصن جي بخشش ڪئي ويندي ۽ انهن کي وڏي اجر سان نوازيو ويندو.“

اسلام ۾ ايمان ۽ عمل کي بنياد قرار ڏنو ويو آهي. اسلام جو نصب العين ”ايمان بالله“ آهي. ان ڪري سمورن نبين، پيغمبرن ۽ مصلحن، انسانيت کي جيڪا بنيادي دعوت ڏني هئي، اها هئي ”دعوتِ توحيد“ خدا تعاليٰ کي مڃڻ ۽ ان کي هڪ سمجهڻ. ايمان کان پوءِ جيڪا شيءِ لازمي قرار ڏني وئي آهي، اهو آهي، ”عمل صالح“. انهن ٻنهي شين جو پاڻ ۾ گهرو رابطو آهي. هڪ وڻ آهي ته ٻيو ميوو. هڪ گل آهي ته ٻيو خوشبوءِ. هڪ بدن آهي ته ٻيو روح. قرآن مجيد ۾ جن نعمتن جو واعدو ڪيل آهي، اهي ايمان ۽ عمل سان لاڳاپيل آهن. ۽ جن سختين ۽ عذابن جو بيان ڪيو ويو آهي، اهي ايمان ۽ عمل جي نه ڪرڻ سبب پيو ڳٽيون پونديون. جيڪڏهن ايمان موجود آهي، پر عمل صالح ناهي ته اها زندگي نفاق ۽ گناهه واري ليکي ويندي. ٻئي پاسي جيڪڏهن عمل چڱا ڪيائين پر ايمان نه هوندو ته اها زندگي ڪفر ۽ بغاوت واري قرار ڏني ويندي. خدا جو مطلوب ۽ پسنديده انسان فقط اهو آهي، جيڪو ”ايمان ۽ عمل صالح“ سان سنواريل هجي. خدا جو رضامندو ۽ آخرت ۾ فلاح جو دارو مدار به هن دنيا ۾ ايمان ۽ عمل جي موجودگي تي منحصر آهي. جيڪي ماڻهو ائين چون ٿا ته اصل نصب العين خدا جو رضامندو ۽ آخرت جي جواب طلبي جو احساس پيدا ڪرڻ آهي، اهي اسلام جي قرباني واري نظريي ۽ جان ۽ مال کي خدا جي حوالي ڪرڻ کان هٽي رهيا آهن. اهي اها ڳالهه سمجهڻ کان به عاري آهن. يعني ايتري ڳالهه به سمجهي نٿا سگهن ته خدا جو رضامندو ته ”ايمان ۽ عمل صالح“ تي موقوف آهي. آخرت جي جواب دهي به ايمان ۽ عمل تي بنياد رکي ٿي. ”الله جو رضامندو ۽ آخرت جي جواب دهي جو احساس“ ته فقط نظريا آهن ۽ دل جون خواهشون آهن. الله تعاليٰ ڪنهن ٻانهي سان محبت ۽ پيار ڪري ۽ ٻانهو ان مقام تي پهچي وڃي جو هو فقط خدا سان ئي محبت ڪري، يعني ”اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ“ وارو اهو مقام ڪنهن سٽن ۽ خيالن رکڻ سان نه، بلڪ استقامت سان ايمان تي قائم رهڻ ۽ عمل صالح تي ڪاربند رهڻ سان حاصل ٿيندو آهي. ان ڪري ئي قرآن مجيد ۾ ايمان وارن لاءِ چيو ويو ته ” اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ“. ان مان معلوم ٿيو ته مؤمن آهي ئي اهو ۽ ايمان چئبو ئي ان ڳالهه کي ته انسان پنهنجي جان ۽ مال الله تعاليٰ کي فروخت ڪري ڏئي ڇڏي. عمل صالح ۾ حقوق الله ۽ حقوق العباد جا سڀ پهلو شامل آهن: اهڙو ئي شخص ڪامل مؤمن آهي. اهو ئي اسلام جو نصب العين آهي ۽ اهو نصب العين اهڙي ڪامل مؤمن کي پيدا ڪرڻ گهري ٿو. پوءِ جڏهن انسان ان مقام تي پهچي ويندو ته ”فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا“ ۽ ”رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ“ جو مقام ڪيس ملي ويندو. پر ياد رکڻ گهرجي ته آخرت جون سموريون نعمتون ۽ خدا تعاليٰ جو فضل ۽ ڪرم ۽ سندس آخرت ۾ ڪرم نوازيون سڀ جو سڀ منحصر آهن هن دنيا ۾ ”ايمان ۽ عمل صالح“ تي.

ان ڪري اسلام جو نصب العين، پيغمبر عليه السلام جي شريعت مطهره جو مقصد، اسوه رسول ﷺ ۽ اسوه صحابه ڪرام رضي الله عنهم جو نمونو فقط اهو آهي ته دنيا ۾ ”ايمان بالله“ جون سموريون گهرجون عليٰ وجه الڪمال پوريون ڪيون وڃن ۽ ان کان پوءِ خدا جا حق ۽ مخلوق جا حق پرپور طريقي سان ادا ڪيا وڃن. ”اَلدُّنْيَا مَزْرَعَةُ الْاٰخِرَةِ“: آخرت جون سڀ نعمتون، خدا تعاليٰ جو رضامندو ۽ قرب الاهي جو منظر هن دنيا جي زندگي جي عمل تي موقوف آهي. باقي ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ لاءِ اهو نعرو ڏيڻ ته اسان جو نصب العين ته ”خدا جو رضامندو“ آهي ۽ پوءِ ان رضامندي لاءِ مراقبا، چلا ڪُشي، بزرگن جي صحبت، شخصيتن جي عقيدتمندي ۽ انهن جا روز روز ڦيرا، انهن جي دعائن سان زندگيءَ جي تبديلي وغيره جهڙا موهوم خيال ۽ اهڙيون بدعتون انسان کي گمراهيءَ جي کڏ ۾ ڪيرايو ڇڏن ٿيون. اسلام جي شفاف شاهراه آهي ”توحيد، پيغمبرن جي اطاعت ۽ عمل صالح“ انهيءَ عظيم نصب العين تي ماڻهن کي مربوط ڪيو وڃي ۽ ان لاءِ قربانيون ڏنيون وڃن.

# حڪمتِ رسول ﷺ

عن علی رضي الله عنه قال انی سمعت رسول الله ﷺ یقول انها سَتکُونُ فتنَۃٌ قُلتُ مَا الْمَخْرَجُ مِنْهَا یَا رَسُوْلَ الله ؟ قَالَ ”کِتَابُ الله“ فِیهِ نَبَأ مَا قَبْلَکُمْ وَ خَبَرُ مَا بَعْدَ کُمْ وَحَکُمُ مَا بَیْنَکُمْ هُوَ الْفَصلُ لَیْسَ بِالْهَزْلِ مَنْ تَرَکَهُ مِنْ جَبَّارٍ قَصَمَهُ الله وَمَنْ ابْتَغَی الْهُدَیٰ فِیْ غَیْرِہٖ اَضَلَّهُ الله وَهُوَحَبْلُ الله الْمَتِیْنُ وَهُوَ الذِّ کْرُ الْحَکِیْمُ وَهُوَصِرَاطُ الْمُسْتَقِیْمُ هُوَالَّذِیْ لَاتَزِیْغُ بِهٖ الاهواءُ وَ لَاتَلْتَبِسُ بِهٖ الْاَلْسِنَۃُ وَلَا یَشْبَعُ الْعُلَمَاءُ وَلَا یَخْلُقُ عَنْ کَثْرَۃِ الرَّدِّ وَلَا یَنْقَضِیْ عَجَائِبُهٗ - الخ (ترمذي — درامي)

حضرت سيدنا علي ابن اي طالب رضي الله عنه فرمائن ٿا ته مون پاڻ سيدنا حضور ڪريم ﷺ جن کان ٻڌو: پاڻ فرمايائون ته خبردار! آگاهه ٿي وڃو ته هڪ وڏو فتنو دنيا ۾ ظاهر ٿيڻ وارو آهي. (ظاهر آهي ته هاڻي ڏيڍ هزار سال کن گذري چڪا آهن، يقيني طرح اهو فتنو هن دنيا ۾ موجود هوندو) سيدنا علي رضي الله عنه پڇڻ لڳو ته اي الله جا رسول! ان فتني کان بچڻ جو رستو ڪهڙو آهي؟ پاڻ فوري طرح فرمايائون ته ”الله جي موڪليل ڪتاب“ ذريعي ان فتني کان محفوظ ٿي سگهو ٿا! ان خدا جي ڪتاب ۾ اڳين قومن جي سڌرڻ جا واقعا موجود آهن ۽ توهان کان پوءِ ايندڙ قومن جون خبرون به ٻڌايل آهن. (اوهان جي عملن جا دنوي ۽ اخروي نتيجا ڪهڙا نڪرندا، انهن کان به آگاهي موجود آهي.) توهان جي وچ ۾ جيڪي مسئلا پيدا ٿيندا رهندا، انهن جو حڪم ۽ فيصلو به ان ۾ موجود آهي. قرآن مجيد کي جيڪڏهن سرڪشي ڪري ڪو به ڇڏي ڏيندو ته الله تعاليٰ ان کي ذليل ڪري ڇڏيندو. جيڪڏهن ڪو شخص قرآن مجيد کان علاوه ڪنهن ٻي شيءِ مان هدايت جو رستو تلاش ڪندو ته ان کي الله تعاليٰ سڌي واٽ کان گمراهه ڪري ڇڏيندو. (يعني حق ۽ هدايت کان محروم ٿي ويندو.) قرآن مجيد ئي الله تعاليٰ سان تعلق جو مضبوط وسيلو آهي. پڪو پختو حڪمت وارو ذڪر آهي. اهو ئي شاهراهه هدايت آهي. اهو ڪتاب ئي حق ۽ سچ آهي. جنهن ڪتاب جي تابعداري سان خيالن ۽ نظرين جي گمراهي دور ٿي ويندي آهي ۽ زبانون گڙٻڙ کان محفوظ ٿي وينديون آهن. (جيئن اڳين ڪتابن ۾ زبانن ذريعي تحريف ڪئي ويندي هئي ته هي ڪتاب ان کان محفوظ آهي) علم وارن کي هن ڪتاب جي پڙهڻ، تدبر ۽ ويچار ڪرڻ مان ڪڏهن به ڍؤ ٿي نه سگندو. هي ڪتاب گهڻي تڪرار ڪرڻ سان پراڻو نه ٿي سگهندو. (ٻين ڪتابن جو حال اهو آهي ته بار بار پڙهڻ سان نفس ۾ مونجهه پيدا ٿي ويندي آهي ۽ اها شيءِ پراڻي پئي لڳندي آهي، مگر هن ڪتاب جو رنگ ئي نرالو آهي.)

قرآن مجيد جا عجائب (نڪتا، خيال ۽ گهرائيون) ڪڏهن به ختم نٿا ٿي سگهن.

- جنهن شخص قرآن مجيد جي مطابق ڳالهه ڪئي، ته ان سچ ڳالهايو.
- جنهن شخص قرآن مجيد مطابق عمل جي زندگي سنواري، اهو خدا جي اجر جو مستحق بڻيو.
- جنهن قرآن مجيد مطابق فيصلو ڪيو، ان ئي عدل ۽ انصاف ڪيو.
- جنهن قرآن مجيد جي طرف دعوت ڏني، ان کي صراط مستقيم نصيب ٿي وئي.

حضرت پيغمبر عليه السلام جي هن فرمان عاليشان مطابق انسان ذات ۽ خاص طرح مسلمان امت لاءِ قرآن مجيد هدايت الاهي جو ماخذ ۽ سڌي راهه جو نشان آهي. هن فتني ۽ فساد جي دور ۾ سڌي راهه جي تلاش فقط قرآن مجيد ذريعي ئي حاصل ٿي سگهي ٿي. جيڪي ماڻهو قرآن مجيد کي ڇڏي ”شخصيات“ ڏانهن ماڻهن کي دعوت ڏين ٿا، انهن جي قول ۽ فعل کي حجت قرار ڏين ٿا ۽ هر دور جي بزرگن ۽ نام نهاد مشائخ جي صحبتن کي ضروري قرار ڏين ٿا، بلڪ انهن جي قول ۽ فعل کي ”سبيل المؤمنين“ قرار ڏيئي اهڙين ڪوڙڪين ۾ ڦاسائڻ جي ۽ انسانن کي اونڌي منهن اڇلڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن، انهن کي فرمان رسول ﷺ مطابق پنهنجي عمل تي نظر ثاني ڪرڻ گهرجي. ”قرآن ۽ رسول ﷺ“ کي ڇڏي ٻي هر شيءِ جو ”لازمي اتباع“ بدعت ۽ گمراهي آهي.



# تعليمات امام شاهه ولي الله رح

## علم اسرار الدين

منهنجي سوچ مطابق علم حديث سان تعلق رکندڙ جيترا به شرعي علم آهن، انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڳوڙهو ۽ اونهون بنياد رکندڙ، تمام مٿاهين درجي ۽ رتبي وارو علم اهو آهي، جيڪو ”اسرار الدين“ جي نالي سان سڏجي ٿو. هن علم ۾ اهو بحث ٿيندو آهي ته دين ۾ جيڪي احڪام مقرر ڪيا ويا ٿا، انهن جي حڪمت ۽ فلسفو ڪهڙو آهي ۽ ڪهڙيون ضرورتون ۽ گهرجون آهن، جن جي ڪري مختلف احڪامن ۾ مختلف درجا پيدا ڪيا ويا آهن. جيئن ڪن احڪامن کي فرض جي حيثيت مليل هوندي آهي ته ڪن کي نفل جي. ان سان گڏ اهو بحث به ٿيندو آهي ته عملن کي مخصوص شڪل ڇو ٿي ڏني وڃي. انهن کي ڪنهن خاص وقت يا خاص ڳڻپ يا انگ سان مخصوص ڪرڻ جو ڪهڙو فلسفو ۽ حڪمت آهي.

منهنجي نظر ۾ جيڪي ماڻهو هن علم جي صلاحيت ۽ سگهه رکن ٿا، تن لاءِ هي علم بنهه زياده ڌيان لائق ۽ دلچسپ هئڻ گهرجي. اهڙن ماڻهن کي پنهنجو قيمتي وقت هن علم ۾ صرف ڪرڻ گهرجي. پنهنجي آخرت جي ترقي لاءِ فرض عبادتن کان پوءِ هن علم کي ترقي جو ذريعو بنائڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هن علم سان ماڻهو ۾ بصيرت ۽ سڃاڻ پيدا ٿيندي آهي، جنهن سان هو شرعي احڪامن جي حڪمتن کي پنهنجي اکين سان ڏسي وٺندو آهي.

علم حديث ۾ هن علم جي ضرورت ائين سمجهڻ گهرجي جيئن شاعري پڙهڻ واري کي علم عروض جي سمجهڻ جي ضرورت ٿيندي آهي يا فلسفين جي دليل ۽ برهان کي سمجهڻ لاءِ منطق جي ضرورت هوندي آهي يا عربي ٻولي کي سمجهڻ لاءِ جيئن گرامر جي ضرورت هوندي آهي. فقيهن جي مسئلن کي سمجهڻ لاءِ جيئن اصول فقه جي ضرورت پوندي آهي، بلڪل ائين ئي علم حديث کي سمجهڻ لاءِ به هن علم جي ضرورت پوندي آهي.

هن علم جي حاصل ٿيڻ سان مؤمنن جو اندر ۽ ان جي طبيعت شاهدي ڏيندي آهي ته دين جا حڪم ڏاهپ جو ڀنڊار ۽ حڪمت جو خزانو آهن ۽ اهو دين برابر سچو ۽ خدا تعاليٰ جو موڪليل دين آهي. هن علم جي پرائڻ سان انسان جي ايماني يقين ۾ ڪيئي درجا وڌيڪ اضافو ٿي ويندو آهي. انسان جو وجدان اهڙي يقين جي شاهدي ڏيندو آهي. هن علم بابت بحث ڪرڻ، راءِ قائم ڪرڻ يا ان ۾ حصي وٺڻ لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو سمورن شرعي علمن جو ماهر هجي. سمورن الاهي علمن ۾ مستقل راءِ قائم ڪرڻ جي اهليت رکندو هجي. ان سان گڏو گڏ اهو به ضروري آهي ته ان جو دل ۽ دماغ ايترو ڪليل هجي جو اهو ماڻهو خدا وٽان الهامي طور ملندڙ خيالن کي به اخذ ڪري سگهي. ان لاءِ سالم طبيعت هئڻ ۽ ڳالهه کي نهايت تيزي سان ڪئچ ڪرڻ، سمجهڻ ۽ پروڙڻ جي اعليٰ صلاحيت هئڻ لازمي آهي. تقرير ڪرڻ توڙي لکڻ جو ماهر هجڻ به ضروري آهي. ان کي اها به ڄاڻ هجي ته اصول ڪيئن ٺاهيا آهن. انهن تي فروع ڪيئن جوڙيا آهن. اهو به ڄاڻڻ ضروري آهي ته قاعدن ۽ قانونن ٺاهڻ لاءِ ڪهڙي قسم جون تمهيدون ٻڌيون آهن ۽ انهن لاءِ عقلي توڙي نقلي دليل ڪيئن پيش ڪيا آهن.

(حجة الله بالغہ. شارح امام عبيدالله سنڌي رح)

## اسماءُ الله الحسنيٰ: حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه

# الرَّزَّاقُ

الله تعاليٰ جي نالن مان هڪ مبارڪ نالو "الرزاق" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي خلق کي رزق رسائيندڙ. اها ذات جيڪا ماڻهن، جنن، پکين، جانورن ۽ ٻين هر قسم جي ساهوارن، هر ڪنهن کي سندن حال مطابق ۽ پنهنجي حڪمت موافق روزي رسائي ٿو.

رزق جا ٻه قسم آهن، پهريون محسوس، جيڪو خاص بدن لاءِ آهي ۽ ٻيو معقول، جيڪو خاص روح لاءِ آهي. ان کان سواءِ رزق کي ٻين ٻن قسمن ۾ به ورهايو ويو آهي، جن مان پهريون آهي "رزق مضمون" ۽ ٻيو آهي "رزق موعود". رزق مضمون اهو آهي، جنهن جو الله جل جلاله ضامن آهي. يعني اهڙو رزق الله تعاليٰ پنهنجي خاص مهرباني سان پنهنجي ذمي ڪنيو آهي. جيئن قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي:

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللهِ رِزْقُهَا ﴿هود: ٦﴾

يعني زمين ۾ جيڪا به چرندڙ پرندڙ شيءِ آهي، الله جل جلاله جي ذمي ان جو رزق آهي. رزق جو ٻيو قسم اهو آهي، جنهن کي "رزق مَوعُود" چون ٿا. يعني اهو رزق، جنهن جو باري تعاليٰ صرف پنهنجي متقي ٻانهن سان واعدو ڪيو آهي، جيڪو (الله جي مشيت ۽ ان جي حڪمن تي هلڻ جي نتيجي ۾) بغير ڪنهن محنت ۽ مشقت جي ڪين ان جاءِ تان ملندو آهي، جتان ان جي ملڻ جو ڪنهن کي ڪو وهم گمان به نه هجي. جيئن الله جل جلاله فرمايو آهي:

وَمَنْ يَّتَّقِ اللهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا لا وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ط (الطلاق: ٣-٢)

جيڪو الله جل جلاله جو خوف رکندو ته الله جل جلاله ان جي مشڪلاتن مان نڪرڻ جي راهه خود ڪڍندو ۽ ڪيس اتان رزق ڏيندو جتان وهم گمان به نه هوندس. الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ اهي سڀ عمل ۽ آسانيون ۽ ڏکيائيون لکي ڇڏيون آهن جن جي ڪري رزق ۾ بست ۽ ڪشاد ٿئي ٿو. رزق هر ڪنهن جو ورهايل آهي، جنهن جي قسمت ۾ جيڪي لکيل هوندو، اهو ڪيس ضرور ملندو. پوءِ ڪنهن جو رزق مضمون آهي ته ڪنهن جو رزق موعود آهي.

**تعلق:** هن اسم شريف سان تعلق ۽ نسبت جي واٽ هيءَ آهي، ته جڏهن ٻانهي کي اهو معلوم آهي ته "رزاق" الله جل جلاله جي ذات ئي آهي، ته پوءِ ان کي ڇڏي، ڪنهن ٻئي جاءِ تان رزق جو انتظار نه ڪري ۽ نه ٻئي ڪنهن ۾ اهڙي اميد رکي. توڪل ڪري سڀ ڪم ان مالڪ جي سپرد ڪري ڇڏي. وري جڏهن ڪيس اهو به معلوم آهي ته سندس روزي جيڪا مقدر هوندي اها ئي ڪيس ملڻي آهي، ته پوءِ روزيءَ جي معاملي ۾ دل نه لاهي ۽ ان ڏس ۾ ماڻهن سان ڪنهن به قسم جي شڪايت نه ڪري.

**تخلق:** هن اسم شريف سان تخلق (صفت اپنائڻ) جي واٽ هيءَ آهي، ته پنهنجي هٿ کي بدني رزق جو ۽ زبان کي دلين جي رزق جو خزانو بڻائي (يعني هٿ جو ڪليل ۽ زبان جو مٺو هجي) ۽ باري تعاليٰ ۽ سندس ٻانهن جي وچ ۾ جسماني ۽ روحاني رزق جي حصول ۾ وسيلو بڻجي. اهو هن طرح ته انهن جو پاڻ ۾ اتفاق پيدا ڪري. ڪين تعليم سان سينگاري، چڱائيءَ جو حڪم ڏئي ۽ سندن حق ۾ خير جي دعا ڪندو رهي. اهو گڏ پڻ "تخلق" ۾ شامل آهي ته پنهنجي اهل و عيال، جن جو ذمو مٿس هجي، تن کي ڪارائڻ، پهرائڻ لاءِ دل کولي خرچ ڪري ۽ ان ڏس ۾ هٿ بند نه رکي.

**تعبد:** عبدالرزاق: زراق جو ٻانهو اهو آهي، جنهن جو رزق الله جل جلاله ڪشادو ڪيو هوندو ۽ هو وري ان رزق مان الله جل جلاله جي ٻانهن تي پاڻ کان وڌيڪ خرچ ڪندو. الله تعاليٰ جنهن کي چاهيندو آهي، ته پنهنجي تابعدار ٻانهن مان ان جو ئي رزق ڪشادو ڪندو آهي. هاڻي الله تعاليٰ جنهن جي رزق ۾ ڪشادگي عطا ڪري ٿو ته ان سان گڏ پنهنجي طرفان مٿس برڪت ۽ وسعت به رکي ٿو. پوءِ ان جا قدم خير ۽ برڪت وارا ٿي پوندا آهن. پوءِ اهو جتي به ويندو آهي اتي برڪت ئي برڪت ٿي پوندي آهي ۽ خلق جي مٿان خدا جي خزاني جي پالوٽ پئي ٿيندي آهي.



ايڊيٽوريل/چيف ايڊيٽر

## دين ۽ سياست ۾ منافقت

اسلام دين ۽ سياست جي يڪجائي جو نظريو ڏئي ٿو. زندگي جي انفرادي ۽ اجتماعي عملن ۾ اخلاص نيت ۽ ديانتداري جي تلقين ڪري ٿو. جهڙيءَ طرح اسلام ۾ عبادتن، صدقات ۽ اخلاقيات جو هڪ مڪمل پروگرام عطا ڪيو ويو آهي، اهڙي طرح اجتماعي معاملات، حقوق العباد، عدالت، معيشت، تجارت، جهاد، انفاق، صلح، جنگ ۽ معاهدات جو به جامع نظريو ۽ ڀرپور عملي پروگرام ڏنو ويو آهي.

اهي سمورا شعبا هڪ ٻئي سان مربوط ۽ لاڳاپيل آهن. قرآن مجيد ۾ انهن سڀني شعبن جي متعلق تعليم ۽ تربيت ڏني وئي آهي. ان ڪري زندگي جو ڪو به عمل عبادت ۽ تقويٰ کان خالي ناهي. قرآني معاشرو جڏهن وجود ۾ آيو ته ان دؤر ۾ جيڪا حڪومت سامهون آئي ته ان حڪومت جون ذميواريون مسجد جي امامت کان وٺي، عدالت جي منصفي ۽ جهاد جي سپهه سالاري تائين ڦهليل هيون. اهي حڪمران (خلفاءِ راشدين) زندگي جي سڀني شعبن جا اڳواڻ هوندا هيا. انهن عظيم انسانن قرآن مجيد مان جيڪي ڪجهه پرايو هو ته اهوئي انهن جو مقصد حيات ۽ نصب العين هيو. اهو هي هيو ته هر عمل ۾ ديانت، امانت ۽ اخلاص جو مظاهرو ڪن. سندن زندگي ان نظريي لاءِ وقف هئي ته هو ڪفر جي مزاحمت ڪن، شرڪ ۽ بت پرستي جي طاغوتي نظام کي نيست و نابود ڪن. غلامي جي پاڙ پٽي، انسانيت جي احترام کي بلند کان بلند مقام تائين پهچائين. عدل ۽ انصاف جو اهڙو عملي نظام قائم ڪن، جو ڪو به ڪمزور ماڻهو ڪنهن به طاقتور جي ظلم جو شڪار نه بڻجي سگهي. معيشت جا وسيلا هر هڪ شخص لاءِ هڪ جهڙا ڪيا وڃن. انسانن جي ڪفالت کي "رب العالمين" جي نظام ربوبيت مطابق سر انجام ڏين تان ته ڪو به شخص افلاس ۽ غربت سبب بک ۽ بدحالي جو شڪار نه ٿي سگهي. اهڙن حڪمرانن جو هي خيال هوندو هو ته جيڪڏهن نيل درياءَ جي ڪناري تي بک وگهي ڪو ڪتو به مري پوندو ته ان جي پڇا قيامت جي ڏينهن عمر بن خطاب کان ڪئي ويندي. ديانت داري ۽ مسلمانن جي مال جي حفاظت جو ايڏو اونو هوندو هين جو نماز جو وقت ويجهو اچي وڃي ٿو ته "خليفة المسلمين" ڳولڻ باوجود نٿو ملي. ماڻهو ٻاهر نڪري ڏسڻ لڳا ته اوچتو هڪ شخص ڊوڙندو نظر آيو. ڏسن ته هي اسان جو "امير المؤمنين" آهي. پڇڻ لڳا ته توهان هن وقت ڪيڏانهن ويا هيا؟ فرمايائون ته بيت المال جو هڪ اٺ گم ٿيل هو، ان جي ڳولڻ لاءِ ويل هئس.

عرض ڪيائون ته اسان موجود هئاسين، اسان کي حڪم فرمايو ها! ايمان جي پهاڙ شخصيت جواب ڏنو ته: "الله تعاليٰ مون کي مسلمانن جي مال جو امين بڻايو آهي ۽ اوهان به مون تي اعتماد ڪري اهو اعزاز بخشيو آهي. ته پوءِ اها منهنجي ذاتي ذميواري آهي ته بيت المال جي هر شيءِ جي مان پاڻ حفاظت ڪريان ۽ خدا وٽ به منهنجي عمل جي مسئوليت مون کان ئي ٿيندي!"

جڏهن قرآن جي حڪومت دنيا تي قائم هئي ته اهڙا منظر دنيا ڏٺا. پر جڏهن خلافت مان ڦري ملوڪيت ۽ بادشاهي نظام مسلمانن تي مسلط ٿي ويو ته پوءِ بد ديانتي، ڪوڙ ڪپٽ ۽ مسلمانن جي

بيت المال سان هٿ چراند شروع ٿي وئي. ڏسندي ڏسندي زرعي زمينن تي چند ماڻهو قابض ٿيندا ويا. جاگيرداري سسٽم شروع ٿي ويو. لٽ ڦر جو رواج وڌندو ويو. حق چوندڙن تي تلوارون هلايون ويون. بني اميه جي دور ۾ حجاج بن يوسف ثقفي، اموي اقتدار کي بچائڻ خاطر لکين مسلمانن جو خون وهايو. اتفاق سان صرف ٻن سالن لاءِ خليفه راشد سيدنا عمر بن عبدالعزيزؒ حڪومت جون واڳون سنڀاليون ته قرآني حڪومت عوام جي سامهون اچي وئي. بني اميه جي شهزادن جون ملڪيتون ضبط ڪيون ويون. جاگيرون ختم ڪيون ويون. عدل ۽ انصاف جو ترازو بلند ڪيو ويو. سب وشتم جو گندو ماحول تبديل ڪيو ويو. دنيا ڏٺو ته دين ۽ سياست جي يڪجائي سان انسان ڪيتري قدر برڪتن ۽ رحمتن سان مالا مال ٿي سگهي ٿو. پر عظيم انسانن کي وقت تمام ٿورو ملندو آهي. ان ڪري جلد ئي ظالمن شرارت ڪري کيس زهر ذريعي شهيد ڪري ڇڏيو. وري پوءِ ساڳي بني اميه جي حڪومت قائم ٿي وئي. اهڙي حڪومت جي گذرڻ کان پوءِ وري پنج سؤ سالن تائين بنو عباس جو ظالماڻو ۽ آمريت جو دور جاري رهيو، جنهن امت کي ٻيهر اڀرڻ جو موقعو ئي ڪونه ڏنو. ڪي مصلح ۽ مجدد ضرور پيدا ٿيا، جن حق جو ڪلمو بلند ڪيو، پر انهن لاءِ قيد و بند ۽ تلوارون انتظار ۾ هيون ۽ هو اها راه حاصل ڪري پنهنجي رب سان وڃي مليا.

پوءِ گهڻو دؤر ۽ تمام ڊگهو دؤر هيءَ امت ظالم حڪمرانن جي چنبي مان آزاد نه ٿي سگهي. امت جي وحدت کي پاره پاره ڪيو ويو. دين ۾ بدعتون ۽ رسمون گڏيون ويون ۽ انهن رسمن ۽ لا يعني خيالن کي دين قرار ڏيئي، ان جي دعوت ۽ تبليغ ڪئي وئي. دين مان جهاد، انفاق، ڪفر سان مزاحمت ۽ ٻيا انسانن جي ڀلائي وارا ڪم خارج ٿي ويا ۽ انهن جي جاءِ تي خام خيالي وارو نظريو جڳهه وٺندو ويو. تقويٰ، تزڪيو، نفس جو اصلاح، توڪل، صبر ۽ زهد وغيره جهڙين قرآني اصطلاحن کي غلط معنائون ڏنيون ويون. انهيءَ غلط مجموعي جو نالو خانقاهي ۽ درگاهي نظام پيو. قرآن مجيد جيڪو هدايت جو مرڪز، ماخذ ۽ مستند ذريعو هيو، ان کي ڇڏيو ويو ۽ شخصيات جي پوئلڳي اختيار ڪري بدعتن ۽ رسمن ۾ لطف اچڻ لڳو ۽ پوءِ چوڻ لڳا ته اسلام جو نصب العين خدا جو رضامندو ۽ آخرت جي جواب دهي آهي ۽ اها شيءِ حاصل ٿيندي صحبتِ صالحين سان ۽ اهائي شيءِ آهي "سبيل المؤمنين". اڻ ڄاڻن کي اها خبر نه ملي سگهي ته خدا جو رضامندو دنيا ۾ فقط قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ سان مشروط آهي. اهو ئي قرآن مجيد ۽ الله تعاليٰ جو مقرر طريقو ئي مؤمنين جو نصب العين آهي. دين ۽ دنيا جي تفريق سان الحاد ۽ بي ديني جي شروعات ٿئي ٿي. ۽ اهو نظريو ئي الحاد ۽ ارتداد تائين پهچي ٿو. علامه اقبال اردو ۾ ڪهڙو نه الهامي مصرعو چيو آهي:

جدا ہو دیں سیاست سے تو رہ جاتی ہے چنگیزی

اڄ جي سموري سياست دين کان خارج آهي جنهن ڪري ئي پوري دنيا ظلم ۽ بدديانتي سان ڀرجي چڪي آهي. مسلمانن جي معاشرن جو تجزيو ڪندي علامه اقبال چوي ٿو ته:

کشتۂ سلطانی - پیری و مُلائی

(هي مسلمان بادشاهن، درگاهن ۽ ملن جي تقليد جا ڪٺل آهن)

مسلمانن لاءِ هن دؤر جو عظيم فتنو اهو آهي ته هر شخص هڪ موقف، نظريو ۽ خيال ناهي پوءِ ان کي اسلام ڏانهن منسوب ڪري ٿو ۽ ان ڏانهن ماڻهن کي دعوت ڏئي ٿو. ان سموري قصي ۾ هو قرآن مجيد کي هدايت جو منبع ۽ مرڪز قرار نٿو ڏئي، بلڪ هر هڪ کي جيڪا شخصيت پسند



آهي، هو ان جي تقليد ڪرڻ لازمي ڄاڻي ٿو، سواءِ ان غور ڪرڻ جي ته ان شخصيت جو لائحہ عمل قرآن مجيد آهي يا نه! ان طرح ڪوڙ سارا خيال، نظريا، موقف ۽ ننڍن ننڍن مسئلن ۾ جدا جدا راهون سامهون اينديون رهن ٿيون ۽ پوءِ هڪ وڏو ذهني انتشار وجود ۾ اچي وڃي ٿو. هينئر مسلم امت شديد انتشار جي ڪيفيت ۾ مبتلا آهي. ڪي مذهبي گروهه الڳ الڳ سياسي ٽولا ٺاهي موجوده مغربي جمهوريت ۾ پرامن جدوجهد يعني عوامي چونڊن ذريعي اسلامي انقلاب جي منزل حاصل ڪرڻ ۾ مشغول آهن ۽ ڪي وري مذهبي ٽولا فقط چند عبادتن تائين دعوت کي محدود رکن ٿا. ڪن کي وري خبط آهي ته مسئلو سمورو روحانيت جو آهي. ڪا به جدوجهد انقلاب لاءِ قابل عمل ناهي بلڪ ڪابه ڪاوش ڪامياب ئي نٿي ٿي سگهي، جيستائين ڪنهن "ڪامل بزرگ" جي مراقبن ۾ شرڪت نه ڪئي وڃي. فلاڻي ماڻهو جا ڪم ته بهتر آهن ۽ مثبت جاکوڙ به ڪري پيو، پر افسوس ته "روحانيت" ڪانه اٿس. ڪنهن جي بيعت نه ڪندو ته منجهس اخلاص ڪٿان ايندو؟ جن بزرگن لاءِ وري چيو وڃي ٿو ته انهن جو حال ڏسو ته هو "حب دنيا" ۾ پيرن کان مٿي تائين ٻڏل آهن. چند مجاز خليفا ٿيا ته انهن ۾ به انتشار پيو هلي. ڪن کي خلافت نه ملي ته اهي مايوس آهن. هن وقت حالت اها آهي جو پاڪستان ۾ ته درگاهون ۽ بيعتون "ڪاروبارِ دنيا" ۾ تبديل ٿي چڪيون آهن. دين جو تصور ۽ سندن مڪمل جدوجهد پيغمبر عليه السلام ۽ صحابه ڪرامؓ جي اسوه حسنه جي سراسر ابتڙ آهي. مغرب ۾ جمهوريت جو فلسفو اجاگر ٿيو ته ان فلسفي مذهب کي سياست کان خارج ڪري رياست کي عوام جي خيالن ۽ نظرين مطابق ٺاهي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. اهو ئي انقلاب فرانس آهي. ڪارل مارڪس غربت کي مٽائڻ ۽ محنت کي اجرت جو بنياد ٺاهڻ جي عالمي تحريڪ شروع ڪئي، پر ان ۾ هن جڏهن عيسائيت جي مذهبيت کي رڪاوٽ سمجهيو ته پوءِ سمورن مذهبن کي هڪ صف ۾ بيهاري انهن سڀني جو انڪار به ڪيائين. جڏهن اها عالمي تحريڪ الاهيات جي عدم موجودگي سبب انسانيت لاءِ فلاح جي بجاءِ هلاڪت جو باعث بڻجي وئي ته اڌ صدي کان ٿورو وڌيڪ عرصي ۾ ئي زوال جو شڪار ٿي وئي. پوءِ انسانيت کي هڪ وڏي مايوسي کان سواءِ ڪجهه به پلئه نه پئجي سگهيو.

هاڻي سرمايه داري جو نظام، "تفريقِ مذهب و سياست" جي بنياد تي هولناڪي سان موجود آهي. سمورا مسلمان ملڪ به ان "نظامِ زر" سان وابسته آهن. سرمايه داري کي ته گهڻي عرصي کان وٺي مسلم مفڪرين به ڪڏهن چيلنجَ نه ڪيو آهي. بلڪ ان جا درپرده حامي رهيا آهن. اسلام جي معاشي، معاشرتي ۽ سياسي نظام تي ڪجهه بنيادي اصول ۽ ضابطا ڀريون پيرو امت مسلمه جي عظيم مصلح ۽ امام حضرت شاهه ولي الله دهلويؒ انسانن جي آڏو رکيا ۽ تقليد شخصي ۽ اجتهادي مسلڪن متعلق به اعتدال جو موقف اجاريو، مگر اهڙن انقلابي انسانن جي همت افزائي هر دؤر ۾ گهٽ رهي آهي. وري ڦري ڦري انهن فرسوده خيالن ۽ انسانن کي غلام ٺاهڻ واري ظالمانه نظام کي ئي هٿي ملندي رهندي آهي.

هاڻي ته دين ۾ به سيڪولرازم آهي ته سياست ۾ به سيڪولر ازم آهي. دين يا سياست منافقت کان خالي ناهي رهي. الله تعاليٰ جي پيغمبرؑ ان منافقت جي فتني کان بچڻ ۽ محفوظ رهڻ لاءِ قرآن مجيد سان وابسته رهڻ جو حڪم ڏنو آهي. اسان سڀني انسانن کي دعوت ڏيون ٿا ته اچو ته گڏجي قرآن مجيد کي پنهنجو لائحہ عمل بڻايون. ان ۾ ئي نجات آهي.

# پاڻيءَ جي شرعي حقداري

سنڌو ندي هماليہ جي چوٽين مان هلي تقريبا ٻہ هزار ميل فاصلو طئہ ڪري وڃي سمنڊ سان ملي ٿي. چيني حدن جو گذر ڪري، پنجاب کي لتاڙي اچي پنهنجي ديس واسين سان ملي ٿي. سنڌو درياءَ کي پيغمبر عليہ السلام جنت جي نهرن مان شمار ڪيو آهي. حديث ۾ ان جو تعبير سيحون سان ٿيل آهي. سنڌو ندي سان اٽڪوٽ ڪابل ندي ۽ مٿن ڪوٽ وٽ پنجاب جو پنج نديون جهلم، چناب، راوي، ستلج ۽ بياس ملن ٿيون. ڪنهن زماني ۾ اهي پنج نديون هاڪڙي جي شڪل ۾ سنڌو ندي جي اڀرندي پاسي کان وهندي وڃي سمنڊ ۾ داخل ٿينديون هيون.

سنڌو درياءَ تي بيراجن جي شروعات سکر بيراج کان ٿي، جنهن جو ڪم 1923ع ۾ شروع ٿيو ۽ 9 سال هليو. ان کان اڳي پنجاب جو پنهنجي دريائن تي آبپاشي جو نظام ٺاهيو ويو هو پر سنڌو درياءَ سان ڪنهن بہ قسم جي هٿ چراند نہ ڪئي هئي. ان کان پوءِ 1941ع ۾ گڊو بئراج ۽ ڪوٽڙي بيراج جي رٿ منظور ڪئي وئي، جيڪا جنگ عظيم ۽ ورهاڱي جي سبب عمل ۾ نہ اچي سگهي. نيٺ 5 جون 1955ع ۾ ڪوٽڙي بيراج مڪمل ٿي ۽ 1 مارچ 1962ع تي گڊو بيراج بہ جڙي راس ٿي. انهن ٽنهي بيراجن کي هڪ لک سٺ هزار ڪيوسڪ پاڻي جي ضرورت آهي جيڪو رستي ۾ هلندي ڪوٽ ڪائي مس انهن بيراجن جي پورائي ڪندو، انهيءَ مقدار کان گهٽ پاڻي مليو تہ زمينون غير آباد رهجي وينديون.

سنڌ اڃا بمبئي سان ملحق هئي تہ پنجاب سنڌو درياءَ بابت بدنيتي جو اظهار ڪيو هو، جنهن تي سنڌي پارليماني ميمبرن 1923ع کان بمبئي ڪائونسل ۾ واويلا شروع ڪئي هئي. پنجاب سنڌو درياءَ مان فائدي وٺڻ جي عرضداشت 1925ع ۾ ڏني هئي، پر ان وقت جي وائسراءِ لارڊ ريڊنگ نهايت اهم دليلن سان اها رد ڪري ڇڏي. جڏهن 1936ع ۾ سنڌ بمبئي کان الڳ ٿي جدا صوبو بڻجي وئي تڏهن 11 سيپٽمبر 1941ع ۾ گورنر جنرل، مسٽر بي. اين. راءِ کي ڪلڪتہ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ڪيو. اها راءِ ڪميشن سان مشهور آهي. انهيءَ ڪميشن جي سفارش تي گڊو بيراج ۽ ڪوٽڙي بيراج جي رٿ منظور ٿي. راءِ صاحب ٻنهي صوبن جي چيف انجنئيرن تي مشتمل هڪ ڪاميٽي ٺاهي. 18 مهينن جي ڏي وٺ بعد 1945ع ۾ سمجهوتو طئہ ٿيو جنهن تي ڪاميٽيءَ جي ميمبرن ان تي صحيحون پاتيون ۽ 13 آڪٽوبر 1945ع ۾ پنجاب گورنمينٽ هڪ ليٽر لکي ان کي قبول ڪيو. ان سمجهوتي کي ”سنڌ پنجاب ايگريمينٽ“ چئبو آهي. فيصلو هي ٿيو تہ: ”سنڌ درياءَ جو پاڻي اول سنڌ جو حق آهي. سنڌ جي ضرورت کان بچي تہ اهو پنجاب استعمال ڪري ۽ نہ تہ نہ. پنجاب پنهنجي صوبي ۾ بہ جيڪو آبپاشي جو پروگرام ٺاهي، ان ۾ سنڌ کان لازمي پڇي، توڙي اهو ڪنهن ٻي ندي تي هجي“ ڇو تہ ٻين ندين مان بہ سنڌ متاثر ٿئي ٿي.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ وري بہ پنجاب سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ ۾ اکيون وڌيون، جنهن تي مسٽر محمد هاشم گذدر سنڌ اسيمبلي ۾ تقرير ڪئي تہ: ”پنجاب اسان جي سنڌو درياءَ تي ڌاڙي هڻڻ جي سنبت ڪري رهيو آهي. اها ڳالهہ اسان سنڌ وارا ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪنداسين.“ نيٺ پنهنجي من



ماني ڪرڻ لاءِ سنڌ جي حيثيت ختم ڪري ان کي لاهور ڪمشنري ٺاهيو ويو جيئن انگريزن سنڌ جي ملڪي حيثيت ختم ڪري ان کي بمبئي جي ڪمشنري ٺاهيو هو. هاڻي تہ پنجاب وارن کان ڪو پڇڻ وارو ئي نہ رهيو. 19 سيپٽمبر 1960ع ۾ پنجاب پنهنجا اوپاريان درياه ستلج، بياس ۽ راوي هندستان کي وڪرو ڪري ڏنا، عيوض ۾ ورلڊ بئنڪ کان ڪيس چار عرب مليا، جنهن سان هن ٻہ ڊيم ٺاهيون. منگلا ڊيم، چناب ۽ جهلم ندي جي مٿي کان ۽ تربيلا ڊيم سنڌو نديءَ تي جنهن مان ٻہ لنڪ ڪئنال، جيڪي سنڌو نديءَ مان درياءَ وهائي پنجاب دريائن ۾ وجهي وڪري ڪيل پاڻي جي کوٽ پوري ڪن. هڪ چشمہ لنڪ ڪينال ۽ ٻي تونسہ لنڪ ڪينال. اهي ٻئي نديون وهائي پنجن دريائن ۾ پاڻي پهچايو ويو. ان سان گڏ جناب ۽ جهلم تي آبپاشي نظام جو ڄار وڇايو ويو. انهيءَ معاهده تي ڪراچي ۾ پنڊت جواهر لال نهرو ۽ ايوب خان دستخط ڪيا هئا ۽ انهيءَ معاهده کي سنڌو طاس معاهدو چيو ويندو آهي.

انهيءَ معاهده سان سنڌو کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. اڳي پنجاب جا درياءَ ڪافي پاڻي سنڌو نديءَ ۾ ڇوڙ ڪندا هئا. اهو پاڻي بہ وڪرو ٿي ختم ٿي ويو يا منگلا ڊيم ۾ ختم ٿي ويو. سنڌو جو پنهنجو پاڻي تربيلا ۾ رڪجي ويو ۽ باقي وهندڙ پاڻي ٻن لنڪ دريائن جي ذريعي پنجاب جي دريائن ڏانهن منتقل ٿي ويو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي بيراجن ۾ پاڻي جي کوٽ ئي کوٽ رهي ٿي. هاڻي وري سنڌو درياءَ تي ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت جي تياري ٿي رهي آهي، جنهن جي ٺهڻ بعد سنڌ مڪمل خشڪيءَ ۾ اچي ويندي، جڏهن 1945ع واري تاريخي معاهده ۽ فيصلي تحت ڊيمن يا لنڪ ڪئنالن ذريعي سنڌ جو پاڻي ان وقت پنجاب استعمال ڪري سگهي ٿو، جڏهن سنڌ جي ٽنهي بيراجن ۾ پاڻي پورو هجي. هي آهي سنڌو ندي جي پاڻي جي پوزيشن ۽ مسلمان ڀاءُ پنجاب جون زيادتيون جيڪي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ چوٽ چڙهي ويون آهن. پنجاب ورهائجي ويو پر پاڻي سنڌو ندي مان بہ وٺڻ شروع ڪيائين. سنڌ ساڳي ايراضي تي آهي، پر ان جو پنهنجو سنڌ وارو پاڻي بہ کسيو ويو ۽ پنجن ندين وارو بہ جڏهن تہ سنڌ ڪڏهن بہ پنهنجو بندر ۽ روڊ نہ روڪيو آهي.

سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ جي حقداري بابت شرعي حڪم ڇا آهي؟ هن مضمون جو اصل مقصد اهو ٻڌائڻ آهي.

ڪي ماڻهو چون ٿا تہ وڏا درياءَ جيڪي ڪنهن جي ڪنٽرول ۽ قبضي ۾ نہ آهن، سنڌو ندي انهن ۾ شامل آهي. اهڙي دريائن مان زمين آباد ڪرڻ ۽ واهہ وهائڻ جوسڀ ڪنهن کي حق آهي. تنهن ڪري پنجاب کي حق آهي تہ سنڌو ندي جي پاڻي کي پنهنجي مرضي مطابق ڪتب آڻي.

ٻيو چون ٿا تہ سنڌو درياءَ پنجاب جي سرزمين مان لنگهي ٿو، تنهن ڪري انهن جو اڳ ۾ حق آهي ۽ اهي پاڻي روڪڻ جو حق بہ رکن ٿا. انهن ماڻهن کي گهرجي تہ اڳ ۾ پاڻي بابت شرعي اصول معلوم ڪن، جيڪي نبي ڪريم ﷺ جن جي اصحاب سڳورن جي اجتهاد ۽ فيصلن ۽ فقيهن جي تشريح مان ورتل آهن.

حضرت عبد الله بن مسعودؓ کان روايت آهي تہ: ”اهل الاسفل من الشرب امراء على اعلاه حتیٰ يرووا“ (ڪتاب الخراج لابي يوسف ص 102) يعني پاڻي جا هيٺيان مٿين جا حاڪم آهن. جيتري تائين هيٺيان پورائي نہ ڪن (مٿين کي پاڻي استعمال ڪرڻ جي اجازت ناهي) هڪ اعرابي جي زمين تائين پهچڻ وارو برساتي نالو حضرت محمد بن مسلمہؓ جي زمين مان پيو گذري، حضرت محمد بن مسلمہؓ زمين مان پاڻي گذارڻ جي اجازت نہ ٿي ڏني. فيصلو خليفہ راشد حضرت عمر فاروق اعظم

وٺ ويو. حضرت عمرؓ فيصلو فرمايو: ”و الله لو لم اجد له ممرا الا على بطنكه لا مرته“ (ڪتاب الخراج ليحيٰ بن آدم ص 133) يعني ”خدا جو قسم جيڪڏهن پاڻي جو لنگهه ٻيو نه ملي ۽ تنهنجي پيٽ تان ٽپائڻو پوي ته تنهنجي پيٽ تان ٽپائيندم.“ انهن ٻنهي اصحابن سڳورن جي فتويٰ مان معلوم ٿيو ته سنڌو ندي يا ٻي ڪا ندي ڪنهن جي زمين مان گذري رهي آهي ته اهو ان جو مالڪ نه آهي. ان سان گڏو گڏ اهو به معلوم ٿيو ته دريائن ۾ اول حقداري هيٺين جي آهي نه مٿين پاسي وارن جي. ان لحاظ سان به سنڌو ندي تي اول حق سنڌ وارن جو آهي. راءِ ڪميشن به اها ئي ڳالهه طئي ڪئي هئي ۽ انهيءَ فيصلي تي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به عمل ٿيندو رهيو آهي ۽ اها رپورٽ شرعي قاعدن جي به عين مطابق آهي.

اصل ۾ پاڻي چار قسم آهي: سمنڊ، وڏا درياءَ، واهه يا واهيون ۽ مٽن ۽ حوضن جو پاڻي.

1. **سمنڊ:** سمنڊ جو پاڻي عام آهي، ان مان هر ڪوئي فائدو وٺي ٿو سگهي. جيئن سج جي گرمي ۽ هوا وغيره. البت ملڪي حدن اندر ٻيو ملڪ سمنڊ ۾ مداخلت نه ڪري سگهندو. جيئن ڪنهن جي گهر ۾ گهڙي اس ۽ هوا ڪائڻ لاءِ اجازت شرط آهي.
2. **وڏا درياءَ:** وڏي درياءَ مان هر ڪوئي پيئڻ جو فائدو وٺي ٿو سگهي ۽ آبادي ڪرڻ جو نفعو به وٺي ٿو سگهي، هن شرط سان ته پهريون نفعو وٺندڙ جي ڪري خاص ڪري هيٺيان متاثر نه ٿين ۽ نه ته نفعو وٺڻ صحيح نه آهي. وڏا درياءَ ٻه قسم آهن. پهريون اهڙا درياءَ جن تي ڪنهن جو ڪنٽرول نه آهي ۽ انهن کي ڪوئي به ڪٿي روڪي نٿو سگهي. هيءُ حڪم انهن سان تعلق رکي ٿو. صاحب هدايه اهڙي دريائن جي حڪم ذڪر ڪرڻ بعد به شرط ۽ هڪ سبب ذڪر فرمايو آهي جو علماء جي سمجهڻ لاءِ اهو ڪافي آهي: ”ان كان لايضر بالعامة ولا يكون النهر فى ملك احد له ذالك لا نها مباحة الصل اذ قهر الماء يدفع قهر غيره“ ٻيو اهڙا درياءَ جيڪي گهڻي مخلوق کي ۽ وڏي ايراضي کي سيراب ڪن ٿا، پر اهي ڪنٽرول ۾ آهن، انهن جو پاڻي روڪي خاص نهرن ۾ داخل ڪري سگهجي ٿو. اهڙا درياءَ ملڪيت آهن انهن جي جن اڳ ۾ انهن تي ڪنٽرول ڪيو آهي ۽ سڀ کان پهريون پنهنجي مرضي سان انهن کي استعمال ڪيو آهي. هدايه ۽ ڪفايه ۾ آهي: ”الانهار ثلاثه غير مملوك لاحد وهوعام من كل وجه ولم يدخل مائه فى المقاسم اى لايقسم مائه ولا يمكن ذالك كجيحون والفرات و نحوه فانه لا يمكن قسمة مائه بان يكون يوما لقوم ويوما لآخرين و نهر مملوك دخل مائه فى القسمة الا انه عام اى من وجه و خاص من وجه و نهر مملوك دخل مائه فى القسمة وهو خاص من كل وجه“ (يعني نهرون ٽي قسم آهن. پهريون جيڪا ڪنهن جي ملڪيت ۾ نه آهي ۽ اها هر لحاظ سان عام آهي ۽ ان جو پاڻي تقسيم ۾ نه آيو آهي ۽ ان جي تقسيم ممڪن به نه آهي جو هڪ ڏينهن هڪڙن لاءِ هجي ۽ ٻئي ڏينهن ڪن ٻين لاءِ. ٻيو اهڙي نهر جيڪا ملڪيت آهي جو ان جو پاڻي (واهن جي) ورڇ ۾ آيو آهي، پر اها نهر عام آهي، ڪنهن لحاظ سان ۽ خاص آهي ٻئي لحاظ سان. ٽيون جيڪا بلڪل خاص آهي ۽ ان جو پاڻي به تقسيم ۾ آيو آهي)
3. **واهه ۽ واهيون:** انهن مان پيچ مطابق ماڻهو نفعو وٺن. اهي واهه ۽ واهيون پيچ وارن جي ملڪيت آهن. البت ماڻهو ۽ جانور ان مان پاڻي پي سگهن ٿا. اها نهر خاص آهي، جنهن جو ذڪر هدايه ۽ ڪفايه جي عبارت مان گذري آيو آهي.
4. **دلن ۽ حوضن ۾ پريل پاڻي:** ان مان موڪل بنا پيئڻ به جائز نه آهي. عالمگيري ج 5 ص 290 وغيره ۾ ان جو تفصيل موجود آهي.



مٿي ذڪر ڪيل تفصيل مطابق سنڌو ندي اهڙو درياءُ آهي، جيڪو ڪنٽرول ۾ آيل آهي. بيراجن جي ذريعي ان جو پاڻي روڪي مرضي سان واهن ۾ وهائجي ٿو ۽ واري سان بيراجن کي پاڻي وڌائي يا گهٽائي سگهجي ٿو. اهو ئي پاڻي تي ماڻهن جو قبضو آهي، جنهن کي فقيهن ”قهر الناس يا احزاز الناس“ سان تعبير فرمايو آهي. جيئن در مختار ۾ غير مملوڪ ۽ وڏي دريائن جي پهرين قسم بابت فرمايو آهي: ”لان الملک بالا حراز ولا احراز لان قهر الماء يمنع قهر غيره.“ يعني پاڻي جي ملڪيت قبضي سان ٿيندي آهي. انهن دريائن تي قبضو نه آهي. ڇو ته انهن جو پاڻي ڏاڍو آهي ٻئي ڪنهن جو ان تي ڪنٽرول نه آهي. ظاهر آهي ته:

1. سکر بيراج سان ۽ ڪوٽڙي ۽ گڊو بيراجن سان سنڌو ندي سنڌ وارن جي ڪنٽرول ۾ اچي وئي ۽ سنڌ وارا ان تي قابض ٿيا ۽ اهو ئي ملڪيت جو معيار آهي. ان ڪان پوءِ جا مٿي ٻڌل بند ۽ بيراجون ناجائز ۽ عصب جي شمار ۾ آهن.
2. قديم زماني کان وٺي سنڌو ندي سنڌ وارن جي ليکي ويندي آهي. ان ڪري ته وائسراءِ هند 1919ع ۽ 1925ع ۾ پنجاب وارن کي سنڌو درياءَ تي بيراجن ٺاهڻ کان روڪي ڇڏيو هو ته سنڌو درياءُ سنڌ وارن جو آهي.
3. پنجاب ۽ سنڌ جي 1945ع واري ايگريمينٽ ۾ به سنڌو ندي تي اصل ۾ اول حق سنڌ جو تسليم ڪيو ويو آهي.

سنڌو ندي تي اسان جون ٽيئي بيراجون اڳ ۾ بنايل آهن ۽ انهن بيراجن کي گهربل پاڻي به معلوم آهي. ڇا انهن بيراجن کان مٿي پاڻي کي ڪنهن ڊيم ۾ بند ڪرڻ يا نئين بيراج ٺاهي پاڻي کي روڪڻ جنهن مان سنڌ جون ٽيئي بيراجون متاثر ٿين اهو جائز آهي يا نه؟ جواب کان اڳ ۾ هيءَ ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي ته پيچ وارو پاڻي ٽي قسم آهي

1. جنهن تي صرف مٿي وارن جو حق هجي ۽ هيٺين جي ان تي پيچ يا حق نه هجي هيٺين جي زمين مان صرف بچت پاڻي گذرندو هجي.
2. جنهن ۾ صرف هيٺين جي پيچ ۽ ملڪيت هجي مٿي جو ان ۾ ڪوئي حق نه هجي، صرف انهن جي زمين مان پاڻي گذرندو هجي.
3. جنهن ۾ مٿين ۽ هيٺين جو حق ۽ شرڪت هجي.

پهرين قسم جي نهر جو فيصلو حضور جن وٽ آيو هو ۽ پاڻ مٿي واري حضرت زبيرؓ کي فرمايائون ته پنهنجي زمين کي سيراب ڪري پوءِ پنهنجي مرضي سان هيٺ ڇڏ. (صحيح بخاري). شيخ اسماعيل مفتي دمشق به اهڙي قسم جي نهر بابت اها ئي فتويٰ ڏني آهي. جيئن پٺيان اچي ٿو.

ٻئي قسم بابت معاملو حضرت عمرؓ وٽ آيو، جنهن ۾ پاڻ حضرت محمد بن مسلمه کي فرمايائون جنهن جي زمين مان واهه لنگهندڙ هو ته: ”جيڪڏهن انهيءَ پاڻي کي ٻيو ڪو رستو نه هوندو ته تنهنجي پيٽ تان به پاڻي ٽپائيندم“ اها فتويٰ اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون .

ٽئين قسم لاءِ حضرت عبد الله بن مسعود جي فتويٰ گذري آئي آهي ته اڳ ۾ هيٺيان پنهنجون زمينون پيارن پوءِ مٿيان پاڻي ڪم آڻين.

سنڌو ندي ٻئي قسم مان آهي. يعني اها هيٺئين سنڌ وارن جي ملڪيت آهي ۽ انهن جو ئي حق آهي. جيئن اڳ ۾ تفصيل سان مٿي ذڪر آيو، تنهن ڪري سنڌو ندي تي مٿان کان بيراجون يا ڊيم ٺاهڻ جو ڪنهن کي به شرعا حق نه آهي. جيڪڏهن بالفرض ان کي ٽين قسم مان شمار ڪجي ته

۽ اڳ ۾ اسان جو حق آهي. ٽين قسم جي اهڙي ئي هڪ صورت لاءِ علامه شامي ”تنقيح فتاوی حامديه“ ۾ هڪ جيد عالم جي هيٺين فتويٰ نقل ڪئي آهي:

**سوال:** فی نهر کبیر یمتد من اعین یشرب منه اهالی قری بعضها من جهة اسفله یجری لتلك القری فی انهر خاصة من ذالك النهر الکبیر وفی بعض السنین یقل ماء النهر الکبیر فیسکر اهالی القری العالیة ماء النهر الکبه المشترك لیرتفع الماء الی انهرهم الخاصة فیسقوا اراضیهم بحیث ان الماء لم یبق فی النهر الکبیر یجری الی اهالی الاسفل الا قلیلا جدا او یحصل بذالك غایة الضرر علی اهالی القری اللتی من الاسفل متعللین بانهم یفعلون السکر المذبور علی الوجه المرقوم من قدیم الزمان و ان القدیم یبقی ویترك علی قدمه و ان خالف الشریعة المطهرة فهل لاهالی القری الاسافل ان یکلفوا اهالی القری الاعالی ان یزیلوا السکر لیسقی اهالی القری الاسافل اراضیهم ولیس لهم ان یسکروا فی باطن النهر الکبیر المشترك بدون اذنهم و رضاهم.

**الجواب:** لیس لاهالی الاعلی ان یسکروا الماء علی اهالی الاسفل لانهم امراء علیهم حتی یروا کما ذکره الامام المعظم ابن مسعود رضی الله تعالی عنه و ان کانو یفعلون ذالك من قدیم الزمان لانه تصرف فی باطن النهر المشترك بدون اذن الشرکاء ذالك غیر جائز شرعا و فعل غیر الجائز مانع من فعله الشرع فلاعبرة بما فعله اهالی الاعلی من السکر قدیما علی اهل الاسفل و اذنهم لاهل الاعلی بالسکر علیهم لایجری علی المتاخرین فانه لایلزم من رضا المتقدمین رضا المتاخرین فالمتاخرین من اهل الاسفل منع اهالی الاعلی من السکر فی باطن النهر المشترك حتی یسقی اهالی الاسفل اراضیهم فانه یبدءُ بهم حتی یروا کما صرح بذالك جمیع ائمة المذهب فی الکتب المعتبرة و الله تعالی اعلم (فتاوی المرحوم الشیخ اسماعیل مفتی دمشق الشام عفی عنه) و اجاب رحمة الله تعالی عن سوال آخر بما حاصله ان لم یکن لاهالی القریة السفلی حق شرب فی النهر المذکور فلاهالی القریة العلیا حبس جمیع ماء النهر الخارج من ارضها حتی یروا ثم یطلقونه لاهل القریة السفلی ان شاؤ وان کان لاهل القریة السفلی حق شرب النهر من النهر المزبور فلیس لاهالی القریة العلیا حبس ماء النهر عن اهالی القریة السفلی بل یبدء باهل السفلی حتی یروا القول ابن مسعود رضی الله تعالی عنه اهل اسفل النهر امراء علی اهل الاعلی حتی یروا کما فی الزیلعی وغیره و الله تعالی اعلم.

يعني (سوال) وڏي ندي جيڪا چشمن مان نڪري هلي ٿي، ان مان ڪيئي ڳوٺ پاڻي پيئن ٿا، جن مان ڪي هيٺاهين طرف آهن ۽ انهن ڳوٺن جي آبادي لاءِ سندن واهن ذريعي پاڻي اچي ٿو. جيڪي انهيءَ درياءَ مان نڪرن ٿا. ڪڏهن پاڻي درياءَ مان گهٽجي ويندو آهي ته مٿاهين طرف وارا انهيءَ وڏي مشترڪ درياءَ کي مٿان روڪي پنهنجا خاص واهه وهائي پنهنجون زمينون آباد ڪن ٿا. جنهن ڪري هيٺين لاءِ تمام ٿورو پاڻي بچي ٿو، جيڪو سندن زمينن آباد ڪرڻ جيترو نه آهي. اهڙي طرح هيٺ وارن کي وڏو نقصان رسي ٿو. هو چون ٿا ته اهو درياءُ مٿان بند ڪرڻ اسان جو پراڻو دستور آهي ۽ پراڻو طريقو جاري ۽ باقي رهندو توڙي شريعت جي خلاف هجي. ڇا هيٺين طرفن وارا مٿي وارن کي انهيءَ بند کولڻ تي مجبور ڪري ٿا سگهن؟ جيئن هو پنهنجون زمينون آباد ڪن ۽ مٿي وارن کي هيٺين جي اجازت بنا وڏي درياءَ تي بند ٻڌڻ جي منع آهي يا نه؟

(جواب) درياءَ جي مٿي وارن کي جائز نه آهي جو هيٺين کان پاڻي کي بند ڪن. ڇو ته پاڻي ۾ هيٺيان مٿين جا حاڪم آهن، جيستائين هيٺيان ڍءُ نه ڪن؛ جيئن حضرت امام معظم عبد الله بن مسعود[رض] فرمايو آهي. اهو انهن کي جائز نه آهي، توڙي قديم زماني کان ائين ڪندا آيا هجن. ڇو ته مشترڪ جي اندر تصرف ڪرڻ ٻين نفعي وٺندڙن يعني هيٺين جي موڪل بنا جائز نه آهي. ناجائز فعل کي شريعت ۾ ڪو به اعتبار نه آهي. تنهن ڪري مٿين جو درياءَ کي هيٺين تي بند ڪرڻ توڙي



قديم زماني کان ٿيندو آيو آهي ته به انهن کي وزن نه آهي. بالفرض اڳي ڪنهن زماني ۾ مٿين کي هيٺين موڪل ڏني هجي ته به موجوده زماني جا هيٺيان انهيءَ رضامندي ۾ شامل نه ليکيا ويندا. مطلب ته هيٺين کي شرعي طور حق آهي ته مٿين کي درياءَ جي بند ڪرڻ کان منع ڪن، جيئن هيٺيان پنهنجون آباديون ڪن. ڇو ته پاڻي ڪتب آڻڻ جي شروعات هيٺين کان ڪئي ويندي تان ته اهي پنهنجو پورو ڍءُ ڪن. مذهب جي سڀني امامن ان جي تشريح ڪئي آهي. جيئن معتبر ڪتابن ۾ مذڪور آهي (اها فتويٰ مرحوم شيخ اسماعيل مفتي دمشق شام جي آهي). مرحوم هڪ ٻئي سوال جو جواب ڏيندي فرمايو آهي ته جيڪڏهن نهر جي هيٺين جو حق پاڻي ۾ نه آهي ته پوءِ مٿين کي نهر بند ڪرڻ جو حق آهي، تان ته اهي ڍءُ ڪري پنهنجي مرضيءَ سان ڇڏين. پر جيڪڏهن هيٺين کي پاڻيءَ جو حق آهي ته پوءِ مٿين کي نهر ٻڌڻ جي اجازت نه آهي بلڪ شروعات پاڻي وٺڻ جي هيٺين کان ٿيندي تان ته اهي ڍءُ ڪن ڇو ته حضرت عبد الله بن مسعود[رض] فرمايو آهي ته نهر جا هيٺيان مٿين جا حاڪم آهن، تان ته پاڻ ڍءُ ڪن. زيلعي وغيره ۾ ائين آهي. (تنقيح فتاويٰ حامديه ج 2 ص 235)

اها آهي پاڻي جي شرعي حيثيت. تنهن ڪري شرعا قانونا ۽ اخلاقا سنڌو درياءُ سنڌ جو آهي. پاڪستان اسلام جي نالي سان ٺاهيو ويو، پر پاڻي جي مسئلہ ۾ اسلام ياد ئي نه آهي. 1871ع ۾ پنجاب ارادو ظاهر ڪيو هو ته ڪالا باغ وٽان سنڌو ندي مان پاڻي ڦريان پر انگريزن ائين ڪرڻ نه ڏنو. وري سيپٽمبر 1919ع ۾ پنجاب گورنمينٽ، هند گورنمينٽ کي لکيو ته ٿل پراجيڪٽ سنڌ درياءَ تي منظور ڪيو وڃي. پر ان وقت جي وائسراءِ لارڊ چيمسفورڊ اها گهر رد ڪري ڇڏي. وري 1925ع ۾ لارڊ ريڊنگ پنجاب جي عرضداشت رد ڪئي. بعد ۾ فيصلا ٿيا ۽ معاهدا ٿيا پر هاڻي ته ڪو ڪڇڻ وارو ئي نه آهي. 1871ع وارو ڪالا باغ پراجيڪٽ هاڻي ڪير روڪي؟ جنهن ڏينهن اها ڊيم راس ٿي، انهيءَ ڏينهن سنڌ جو اجتماعي موت آهي. اسان جي عالمن، دانشورن ۽ سياسي ليڊرن جي ان وقت اک کلندي، جڏهن اهو موت اچي مٿان بيهندو.


حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جو نئون ڪتاب

**تفسير الفرقان في معارف القرآن** (اردو)

مولانا خواجه عبدالحي فاروقي شاگرد رشيد امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي

قرآن جي اخلاقي، سياسي، سماجي ۽ اقتصادي پروگرام کي نرواڙ ڪندڙ تفسير جنهن ۾ حڪمت، فلسفي ۽ ديني اسرارن جا سوين سينگار سمايل آهن.

صفحا: 1000، هديو 600.00 روپيا

ملڻ جا هنڌ

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 071-5628368،

سنڌيڪا بوڪ شاپ، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 –

العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 0300-3431115

مولانا شعيب الرحمان کھڙو

# قرآن جو گھربل معاشرو

قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ جو اصل مقصد انساني حقن جو تحفظ ۽ انسانيت جي عزت ۽ حرمت تي بحث ڪندي روشني وجهڻ ۽ ان جو حڪم نافذ ڪرڻ آهي. هتي اسين هيٺين شين جي مختصر وضاحت ڪنداسين.

1. انسانيت جو احترام ۽ ان جي عزت
2. انساني حقن جو تحفظ
3. ڪمزورن جا حق ادا ڪرڻ جو تاڪيد

**انسان جي عزت ۽ حرمت جو بيان**

قرآن مجيد بار بار ٻڌائي ٿو ته انسان "اشرف المخلوقات" آهي. انساني پتلي ۾ رب ذوالجلال پنهنجو روح ڦوڪيو ۽ زمين تي ان کي پنهنجي خلافت جو اعزاز بخشيو ۽ ملائڪن کان ان کي تعظيمي سجدو ڪرايائين ۽ ان ڪانسواءِ الله تبارڪ و تعاليٰ سموري مخلوق تي انساني مخلوق کي فضيلت عطا ڪئي. اهو اعزاز زمين تي موجود سمورن انسانن کي نسل در نسل حاصل آهي ۽ اهڙي طرح هر انسان بحيثيت انسان جي خلافت جو حقدار آهي. اهو ايڏو وڏو اعزاز آهي جو ملائڪن جون نظرون به ان تي لڳل هيون ۽ انهن کي اهو اعزاز ان جي ڪري نه ڏنو ويو جو اهي فطري طور تي ان جا اهل نه هئا. ان مقام جو اهل انسانن کي ٻڌايو ويو. علامه اقبال چوائي:

نہ کر تقلید اے جبریل میرے جذب و مستی کی
تن آساں عرشیوں کو ذکر و تسبیح و طواف اولیٰ

ان کان سواءِ الله تبارڪ و تعاليٰ پوري ڪائنات کي انسان جي لاءِ مسخر بڻايو ۽ دنيا جي سمورين نعمتن تي انسان کي تصرف ۽ اختيار عطا فرمايو. زمين ۽ آسمان ۾ جيڪي به خزانا آهن، اهي انسان لاءِ بڻايا ويا آهن ۽ ڪيس انهن شين کي مسخر بڻائڻ جي سگھ پڻ ڏني وئي آهي ته جيئن هو پنهنجي تسخيري طاقت سان انهن شين تي حڪمراني ڪري ۽ پنهنجي مالڪ جو شڪرگذار ٻانهو ٿي رهي ۽ حلال رزق مان پنهنجي ۽ پنهنجي اهل جي روزي فراهم ڪري سگھي.

هن دنيا ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ انسانن ۾ مختلف صلاحيتون رکيون آهن، ڪي ڪمائڻ ۾ پڙ آهن ته ڪي ويچارا جدا ۽ محتاج آهن. تنهن ڪري قرآن مجيد ان ڳالھ تي وڏو زور ڏنو آهي ته انساني مساوات قائم رکي وڃي ۽ مسڪينن ۽ محرومن کي به خدائي نعمتن ۾ شريڪ ڪيو وڃي. ڌن ۽ دولت تي قبضو ڪري خدا جي مخلوق کي ان کان محروم نه ڪيو وڃي. پيغمبر اسلام ﷺ جن جڏهن قرآن حڪيم جي اصولن تي پهرين اسلامي جماعت ۽ پهريون اسلامي معاشرو قائم ڪيو ته هڪ پيرو مڪي ۾ ۽ هڪ پيرو مديني ۾ سيني هوند ۽ اٿهوند وارن مانهن جي وچ ۾ مواخات (ڀائپي) ڪرائي انهن جي مالن کي انهن جي وچ ۾ ورهايو.

قرآن مجيد انسان کي انسانيت جي توهين ڪرڻ کان روڪي ٿو. هو بندي کي پنهنجي



پالڻهار سان لونءِ لڳائڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. قرآن مجيد اهو برداشت نٿو ڪري ته انسان جيڪو اشرف المخلوقات آهي، ڪنهن ٻئي جي آڏو سر جهڪائي انسانيت کان محروم ٿي وڃي، تنهن ڪري قرآن مجيد وڏي واڪي چئي ٿو:

وَمِنۡ اٰيٰتِهِ الَّيۡلُ وَالنَّهَارُ وَالشَّمۡسُ وَالۡقَمَرُ ؕ لَا تَسۡجُدُوۡا لِلشَّمۡسِ وَلَا لِلۡقَمَرِ وَاسۡجُدُوۡا لِلّٰهِ الَّذِىۡ خَلَقَهُنَّ اِنۡ كُنۡتُمۡ اِيَّاهُ تَعۡبُدُوۡنَ ﴿۳۷﴾ (حٰم سجده ۳۷)

"۽ سندس (قدرت جي) نشانين مان رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ آهن، نڪي سج کي ۽ نڪي چنڊ کي سجدو ڪيو پر انهيءَ الله کي سجدو ڪريو جنهن انهن کي خلقيو، جيڪڏهن خاص سندس عبادت ڪندا آهيو."

قرآن مجيد اهڙن پيرن، مرشدن ۽ عاملن کي پڻ ننديو ٿو، جيڪي رهبانيت جو روپ ڌاري انسانيت کي پنهنجي غلامين ۾ جڪڙڻ چاهين ٿا، قرآن پاڪ اهڙي قسم جي روش کان بيزاريءَ جو اعلان ڪري ٿو.

اَلَّا نَعۡبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَلَا نُشۡرِكَ بِهٖ شَيۡـئًا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعۡضُنَا بَعۡضًا اَرۡبَابًا مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ؕ (آل عمران ٦٤)

"الله ڪانسواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريون ۽ نڪي ساڻس ڪنهن شيءِ کي شريڪ ڪريو ۽ نڪي توهان مان ڪو ڪنهن کي (به) الله ڌاران پالڻهار ڪري مڃي."

اهو نبين کي به جائز نه آهي جو هو ماڻهن کي اهڙي قسم جي تلقين ڪري جو ماڻهو رب جي بندگي ڇڏي ان جي بندگي ڪن، قرآن فرمائي ٿو:

مَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنۡ يُّؤۡتِيَهُ اللّٰهُ الۡكِتٰبَ وَالۡحُكۡمَ وَالنُّبُوَّةَ ثُمَّ يَقُوۡلَ لِلنَّاسِ كُوۡنُوۡا عِبَادًا لِّىۡ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ (آل عمران ۷۹)

"ڪنهن به ماڻهوءَ کي نه جڳائيندو آهي جو الله کيس ڪتاب ۽ دانائي ۽ پيغمبري ڏئي ۽ پوءِ اهو وري ماڻهن کي چوي ته الله تعاليٰ ڪانسواءِ منهنجا ٻانها ٿيو."

انساني تاريخ ۾ اڄ کان تقريباً پندرنهن سؤسال پهريان الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن مجيد ۾ انساني حقن جو تعين فرمايو آهي، تنهن ڪري بحيثيت انسان جي مرد، عورت، ڪارو، گورو، عالم، جاهل، امير، غريب ايتري تائين جو ڪافر ۽ مسلمان سمورن ۾ انساني مساوات قائم ڪئي وئي. جڏهن ته فضيلت ۽ برتريءَ جو مدار صرف ۽ صرف تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ تي رکيو ويو آهي. باقي خدائي قانون مطابق سمورا انسان بحيثيت انسان جي برابر حيثيت رکن ٿا.

اعليٰ ۽ ادنيٰ ۾ ڪوبه فرق نه آهي، ائين ضرور آهي ته هڪ حاڪم آهي ۽ ٻيو محڪوم پر هو انسانيت جي ناتي سڀ برابر ۽ مساوي آهن. جيڪڏهن مختلف رنگ، نسل ۽ زبانون رکيون ويون آهن ته اهي به صرف سڃاڻپ ۽ رشتيداريون قائم رکڻ لاءِ رکيون ويون آهن، قرآن فرمائي ٿو:

وَجَعَلۡنٰكُمۡ شُعُوۡبًا وَّقَبَآئِلَ لِتَعَارَفُوۡا ؕ (الحجرات ۱۳)

"۽ اوهان کي قومون ۽ قبيلا ڪيوسون ته هڪٻئي کي سڃاڻو." (حسب، نسب يا ذات پات کي ڪابه برتري ۽ فضيلت حاصل نه آهي).

فَاِذَا نُفِخَ فِى الصُّوۡرِ فَلَاۤ اَنۡسَابَ بَيۡنَهُمۡ يَوۡمَئِذٍ وَّلَا يَتَسَآءَلُوۡنَ ﴿۱۰۱﴾ (المؤمنون-۱۰۱)

"پوءِ جنهن مهل صور ۾ ڦوڪبو (تنهن مهل) ان ڏينهن سندن وچ ۾ نه نسب رهندا ۽ نڪي پاڻ ۾ پڇاڳاڇا ڪندا."

هن دنيا ۾ هر انسان کي هر قسم جي نعمتن مان لطف اندوز ٿيڻ جو حق ۽ آزادي حاصل آهي، هو پنهنجي آزاديءَ سان حلال ۽ طيب شين مان ڪائي پيئي سگھي ٿو ۽ پنهنجي حيثيت

آڏار گھر ۽ رهائش ٺاهي سگھي ٿو.

قُلۡ مَنۡ حَرَّمَ زِيۡنَةَ اللّٰهِ الَّتِيۡۤ اَخۡرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزۡقِ ؕ (الاعراف ٣٢)

"(اي پيغمبر) چئو ته الله جي (ٺاهيل) زينت جيڪا پنهنجي ٻانهن لاءِ پيدا ڪئي اٿس ۽ روزيءَ مان سٺيون شيون ڪنهن حرام ڪيون آهن؟"

پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ به مسلمانن جي اڪثريت تعليم يافته هئڻ جي باوجود فڪري غلاميءَ جو شڪار آهي ۽ نام نهاد نئين تهذيب جي ٺيڪيدارن جا ڳڻ ڳائي رهي آهي ته نئين دؤر انسان کي برتر انساني حق ڏنا آهن. قرآن مجيد ٻين آزادين سان گڏ غور ۽ فڪر جي دعوت ڏيندي فڪر ۽ نظر جي به آزادي ڏئي ٿو ۽ اها آزادي انسان جو بنيادي حق آهي.

قُلِ انۡظُرُوۡا مَاذَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ (يونس ١٠١)

"چئو ته نهاريو ته آسمانن ۽ زمين ۾ ڪهڙيون (سندس قدرتون) آهن؟"

قرآن مجيد ڪنهن به قسم جي آزادي کسڻ نٿو چاهي هو ته وڏي واڪي مذهبي آزادي به عطا ڪري ٿو-

لَاۤ اِكۡرَاهَ فِي الدِّيۡنِ ۙ قَدۡ تَّبَيَّنَ الرُّشۡدُ مِنَ الۡغَيِّ ۚ (البقره ٢٥٦)

"دين مڃائڻ ۾ ڪا زبردستي نه آهي (چو ته) بيشڪ گمراهيءَ کان هدايت (جدا ٿي) پڌري ٿي آهي."

الله تبارڪ و تعاليٰ حق کي ڪنهن تي جبري طور مسلط ڪرڻ نٿو چاهي. اهڙي طرح پاڻ ڪريم ﷺ جن کي پڻ ڪنهن کي لازمي طرح هدايت تي وٺي اچڻ جي خواهش کان روڪي ٿو.

لَّسۡتَ عَلَيۡهِمۡ بِمُصَيۡطِرٍ ﴿۲۲﴾ (الغاشيه ٢٢)

"تون مٿن ڪو داروغو نه آهين."

قرآن مجيد پاڻ ڪريم ﷺ جن تي رحم ڪائيندي نصيحت فرمائي ٿو ته اي الله جا پيغمبر تون پنهنجو پاڻ کي ان فڪر ۾ چو ٿو ڳارين ته اهي ايمان آڻين. توهان جو ڪم رڳو دعوت ڏيڻ آهي، هدايت ۽ توفيق الله جي ذمي آهي.

قرآن مجيد هر انسان کي پوءِ اهو مرد هجي يا عورت خاندان ٺاهڻ جو حق ڏنو آهي ۽ اهو به ٻڌايو آهي ته عصمت ۽ حرمت سان گڏ شاديءَ جو مقصد هڪٻئي سان ملي سڪون ۽ راحت حاصل ڪرڻ آهي.

خَلَقَ لَكُمۡ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَزۡوَاجًا لِّتَسۡكُنُوۡۤا اِلَيۡهَا وَجَعَلَ بَيۡنَكُمۡ مَّوَدَّةً وَّرَحۡمَةً ؕ (الروم ٢١)

"اوهان جي جنس مان اوهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين ته انهن سان آرام وٺو ۽ اوهان جي وچ ۾ پيار ۽ ٻاجھ پيدا ڪيائين." ۽ فرمايائين:

وَّجَعَلَ لَكُمۡ مِّنۡ اَزۡوَاجِكُمۡ بَنِيۡنَ وَحَفَدَةً (النحل ٧٢)

"۽ اوهان جي زالن مان پٽ ۽ پوٽا پيدا ڪيائين."

شاديءَ کانپوءِ ٻار پيدا ڪرڻ به ان جو حق ٺهجي ٿو، ان کان پوءِ پيءُ ماءُ تي اولاد جا حق پڻ متعين ڪيا ويا آهن.

**اولاد جا حق**

قرآن مجيد جاهليت جي ڪٽن ريتن ۽ رسمن ۽ ظالمانه ۽ درندانه روين کي ميٽي اولاد کي



زنده رهڻ جو حق ادا ڪيو ۽ ڪنهن به صورت ۾ والدين کي اهو حق نه ڏنو ته اهي پنهنجي اولاد کي قتل يا دفن ڪري ڇڏين. جاهليت ۾ ڇوڪرن کي رزق جي تنگيءَ جي خوف ۽ ڇوڪرين کي عار سمجھي زنده دفن ڪيو ويندو هو. اها روايت پراڻي دؤر کان هلندي پئي اچي، قرآن مجيد ۾ انتهائي حڪيمانه انداز ۾ ان کي سنگين ڏوهه قرار ڏئي منطقي دليلن سان ماڻهن کي متنبهه فرمايو:

وَلَا تَقۡتُلُوۡۤا اَوۡلَادَكُمۡ خَشۡيَةَ اِمۡلَاقٍ ؕ نَحۡنُ نَرۡزُقُهُمۡ وَاِيَّاكُمۡ ؕ (الاسراء ٣١)

"۽ اوهين پنهنجي اولاد کي سڃائي سببان نه ڪُهو، اسين اوهان کي (به) ۽ خاص انهن کي (به) روزي ڏيندا آهيون."

سورة تڪوير ۾ ڪنبائيندڙ انداز ۾ انهن ماڻهن کي خبردار ڪيو ويو آهي جيڪي نياڻين جي زندگيءَ کي سخت عذابن ۾ وجهندا هئا. فرمايائين:

وَاِذَا الۡمَوۡءٗدَةُ سُئِلَتۡ ۪ۙ﴿۸﴾ بِاَيِّ ذَنۡۢبٍ قُتِلَتۡ ۚ﴿۹﴾ (التڪوير ٨-٩)

"۽ جڏهن جيئري پوريل نياڻي پڇبي ته ڪهڙي ڏوهه ڪري ماري وئي."

قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ هر انسان کي زنده رهڻ جو حق آهي ۽ اهو ٻيو مسئلو آهي ته جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي بنا ڏوهه جي قتل ڪري ته باقي انسانن کي محفوظ ڪرڻ جي لاءِ قاتل کي قصاص ۾ قتل ڪيو ويندو ته جيئن اڳتي جي لاءِ قتل و غارتگري کي ٻنجو اچي سگھي. قرآن مجيد ان بابت فرمائي ٿو

وَلَكُمۡ فِي الۡقِصَاصِ حَيٰوةٌ يّٰۤاُولِي الۡاَلۡبَابِ (البقره: ١٧٩)

"۽ اي ڏيان وارؤ اوهان لاءِ قصاص (وٺڻ) ۾ حياتي آهي."

قرآن مجيد قطعي طور تي قتل ۽ فساد کي حرام قرار ڏنو آهي ۽ ان کي ايڏو وڏو جرم قرار ڏنو آهي، جو ٻئي ڪنهن تمدن ۽ تهذيب ۾ ان جو تصور به نٿو ڪري سگھجي.

وَلَا تَقۡتُلُوا النَّفۡسَ الَّتِيۡ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالۡحَقِّ ؕ (الاسراء ٣٣)

"۽ نڪي (اهڙي) ماڻهوءَ کي ماريو جنهن جو مارڻ حق (شرعي قانون) کانسواءِ الله حرام ڪيو هجي."

هڪ انسان جي قتل کي انسانيت جو قتل قرار ڏنو ويو آهي،

اَنَّهٗ مَنۡ قَتَلَ نَفۡسًۢا بِغَيۡرِ نَفۡسٍ اَوۡ فَسَادٍ فِي الۡاَرۡضِ فَكَاَنَّمَا قَتَلَ النَّاسَ جَمِيۡعًا ؕ (المائده ٣٢)

"جيڪو ڪنهن جان جي عيوض يا زمين ۾ فساد وجھڻ (واري) کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ڪهندو تنهن ڄڻ مڙني ماڻهن کي ڪٺو."

ياد رکڻ گھرجي ته اسلام جو پيغام قرآن مجيد آهي ۽ قرآن مجيد مطابق هڪ جان جي قيمت پوري انسانيت جي برابر آهي. ان جو سبب اهو آهي ته جيئن دنيا ۾ قتل و غارتگري کي ٻنجو اچي سگھي ۽ انساني جان جو احترام باقي رهي سگھي، ڇو ته انسان بذات خود محترم آهي.

"آدميت احترام آدمی باخبر شو از مقام آدمی"، ايئن انسانيت نواز مذهب اسلام ۽ انساني حقن جو محافظ قرآن مجيد هر انسان کي، پوءِ اهو ڪهڙي به مذهب ۽ قوم سان تعلق رکندڙ هجي يا ڪنهن به رنگ ۽ نسل جو هجي، الله تعاليٰ جي ڪشادي زمين تي روزي ڪمائڻ جي لاءِ پيچ ڊڪ ڪرڻ ۽ مشقت برداشت ڪرڻ جو آزادانه حق ڏئي ٿو.

هُوَالَّذِيۡ جَعَلَ لَكُمُ الۡاَرۡضَ ذَلُوۡلًا فَامۡشُوۡا فِيۡ مَنَا كِبِهَا وَكُلُوۡا مِنۡ رِّزۡقِهٖ ؕ (الملک ۱۵)

”(الله) اهو آهي جنهن زمين کي اوهان جي لاءِ تابع ڪيو ته ان جي رستي ۾ گهمو ۽ الله جي رزق مان کائو.“

جمعي جي ڏينهن جڏهن نماز کان پويان ٿورڙو وقت هوندو آهي ان وقت ۾ پڻ حلال روزيءَ جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ زمين ۾ پکڙجي وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانۡتَشِرُوۡا فِي الۡاَرۡضِ وَابۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِ اللّٰهِ (الجمعه ۱۰)

”پوءِ جڏهن نماز پوري ڪئي وڃي ته زمين تي ڪنبرڙي وڃو ۽ الله جي فضل جي طلب ڪريو.“

اهڙي طرح حج جهڙي عالمگير اجتماع ۾ جيڪو سال ۾ هڪ صرف پيرو ٿيندو آهي ان ۾ به حلال رزق حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏنل آهي.

لَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ اَنۡ تَبۡتَغُوۡا فَضۡلًا مِّنۡ رَّبِّكُمۡ ؕ (البقره-۱۹۸)

”(حج) ۾ پنهنجي پالڻهار کان روزيءَ گهرڻ ۾ اوهان تي ڪو گناهه ڪونهي.“

قرآن مجيد هر انسان کي اهو حق ڏئي ٿو ته هو حلال طريقي سان روزي ڪمائي ۽ خدائي احڪامات جي مطابق ان ۾ تصرف ڪري، پر ناجائز طريقي سان ڪنهن جو مال هڙپ ڪرڻ جي اسلام ڪنهن به طرح اجازت نٿو ڏئي.

قرآن مجيد زال ۽ مڙس کي ازدواجي حيثيت اهو اختيار ڏئي ٿو ته هو پنهنجي گهر ۾ عزت ۽ آبرو سان زندگي گذارين. ڪنهن به ماڻهوءَ کي قطعي طور تي اها اجازت حاصل نه آهي ته هو ڪنهن جي گهر ۾ بنا اجازت جي داخل ٿي سگهي.

لَا تَدۡخُلُوۡا بُيُوۡتًا غَيۡرَ بُيُوۡتِكُمۡ حَتّٰى تَسۡتَاۡنِسُوۡا وَتُسَلِّمُوۡا عَلٰۤى اَهۡلِهَا ؕ (النور ۲۷)

”پنهنجن گهرن کانسواءِ ٻين (ماڻهن جي) گهرن ۾ (ايسين) نه گهڙو جيسين (نه) موڪلايو.“

اسلام ڪنهن کي ڪنهن تي مذاق ڪرڻ يا ڪنهن قدرتي عيب تي ٽوڪڻ کان سختي سان منع ڪري ٿو. ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڪنهن ٻئي جي سامهون شرمندو ڪرڻ يا بيعزتو ڪرڻ جو ڪو به حق نه آهي، اهي سهڻا اخلاق مسلم معاشري جو حسن ۽ وقار آهن.

## معاشري ۾ پنهنجي جان ۽ مال ۽ عزت ۽ آبرو جي تحفظ جو حق

قرآن مجيد هر انسان کي پنهنجي جان ۽ عزت ۽ آبرو جي حفاظت لاءِ دشمن جي خلاف دفاعي قدم کڻڻ جو پورو پورو حق ڏنو آهي ۽ ڪنهن به مظلوم کي پنهنجي جان ۽ مال ۽ حرمت جي تحفظ ڪرڻ کان ڪو به روڪي نٿو سگهي. ان بابت قرآن مجيد فرمائي ٿو:

قِصَاصٌ ؕ فَمَنِ اعۡتَدٰى عَلَيۡكُمۡ فَاعۡتَدُوۡا عَلَيۡهِ بِمِثۡلِ مَا اعۡتَدٰى عَلَيۡكُمۡ ۖ
وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۱۹۴﴾ (البقره- ۱۹۴)

”پوءِ جيڪو اوهان تي وڌيڪ هلت ڪري تنهن سان اوتري وڌيڪ هلت ڪريو، جيتري اوهان سان وڌيڪ هلت ڪيائين ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو ته الله پرهيزگارن سان گڏ آهي.“

الله تبارڪ و تعاليٰ قدسي حديث ۾ پنهنجن ٻانهن کي پاڻ ۾ هڪٻئي تي ظلم ڪرڻ کان روڪڻ جي لاءِ، پنهنجي خاص صفت بيان فرمائي آهي ته منهنجي رحمت منهنجي غضب تي حاوي آهي، تنهن ڪري توهان به منهنجي صفت اختيار ڪندي پاڻ ۾ هڪٻئي تي ظلم نه ڪندا ڪيو. الله تعاليٰ جو فرمان آهي.



يَا عِبَادِيۡ اِنِّيۡ حَرَّمۡتُ الظُّلۡمَ عَلَيَّ فَلَا تُظَالِمُوۡا

”اي منهنجا ٻانهؤ! مان پاڻ تي (ڪنهن سان) ظلم ڪرڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري توهان به هڪٻئي تي ظلم نه ڪندا ڪريو.“

تنهن ڪري ٻانهن کي گهرجي ته هو پاڻ ۾ خدا ئي صفتون اپنائن ۽ خدا رحمت جيان هو سراپا رحمت بڻجي انسانن سان نرمي ۽ پيار سان پيش اچن، خاص ڪري منصف کي ويٺل ججن، قاضين، مفتين ۽ وڪيلن کي گهرجي ته هو ڪنهن جي دٻاءُ ۾ يا لالچ ۾ اچي حق جو پاسو نه ڇڏين ۽ عدل ۽ انصاف جو دامن نه ڇڏين. ارشاد آهي:

قرآن ان بابت هن ريت تاڪيد ڪري ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُوۡنُوۡا قَوّٰمِيۡنَ لِلّٰهِ شُهَدَآءَ بِالۡقِسۡطِ ۖ وَلَا يَجۡرِمَنَّكُمۡ شَنَاٰنُ قَوۡمٍ عَلٰۤى اَلَّا تَعۡدِلُوۡا ؕ اِعۡدِلُوۡا ۗ هُوَ اَقۡرَبُ لِلتَّقۡوٰى ۖ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ (المائده۸)

”اي ايمان وارؤ! الله خاطر انصاف سان شاهدي ڏيڻ تي قائم رهندا اچو ۽ ڪنهن قوم جي دشمني اوهان لاءِ اوهان جي بي انصافي جو سبب نه بڻجي، انصاف ڪريو اهو پرهيزگاري کي سڀ کان وڌيڪ ويجهو آهي.“

وَاِذَا حَكَمۡتُمۡ بَيۡنَ النَّاسِ اَنۡ تَحۡكُمُوۡا بِالۡعَدۡلِ ؕ (السناء-۵۸)

”۽ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪريو (تڏهن) انصاف سان حڪم ڪريو.)“

هتي عدل کي احسان سان مشروط ڪيو ويو آهي. نه ته ان کانسواءِ روزمره جي زندگي عذاب بڻجي وڃي ٿي. دراصل احسان انساني اخلاق ۽ ڪردار جو جوهر آهي. شاهدي ڏيڻ هجي يا ڪنهن جهڳڙي جو فيصلو ڪرڻو هجي يا ازدواجي زندگيءَ جو ڪو مسئلو هجي ته ان جو حل تلاش ڪرڻ ۾ عدل ۽ احسان جو دامن نه ڇڏڻ گهرجي.

ڪن مفسرن جو خيال آهي ته اهي آيتون هڪ يهوديءَ بابت نازل ٿيون هيون، جنهن تي مسلمانن ڪا تهمت هنئي هئي، جڏهن ته هو ان کان بري هو، اهو اسلامي عدل ۽ احسان جو اعليٰ مثال آهي.

ڪنهن به معاشري ۾ سمورن انسانن جي مالي حيثيت برابر نه هوندي آهي، تنهن ڪري مالدارن ۽ سرنديءَ وارن جي دلين ۾ زڪواة، صدقه ۽ خيرات ڏيڻ جو جذبو خير ۽ فلاح جي صورت ۾ پيدا ڪيو ويو آهي ته جيئن مالدار ماڻهو عيش ۽ عشرت ۾ مست ٿي، عام انساني حقن کي نظر انداز نه ڪري ڇڏين. ان ۾ هي مصلحت به آهي ته جيڪڏهن انهن مسڪينن ۽ محرومن جي دلين ۾ اميرن ۽ شاهوڪارن جي خلاف حسد ۽ انتقامي جذبا ڀڙڪي اٿن ته اها طبقاتي ڇڪتاڻ انهن غريبن کي اميرن کان بعاوت تي مجبور ڪري ڇڏيندي آهي. ان ڪري قرآن مجيد بار بار دولتمند ۽ خوشحال طبقي تي معاشري جي غريب ۽ مفلس فردن جو حق ادا ڪرڻ جو تاڪيدي حڪم ڏئي ٿو ۽ انهن جي ان فعل جي تعريف ڪندي فرمائي ٿو:

وَالَّذِيۡنَ فِيۡۤ اَمۡوَالِهِمۡ حَقٌّ مَّعۡلُوۡمٌ ﴿۲۴﴾ لِّلسَّآئِلِ وَالۡمَحۡرُوۡمِ ﴿۲۵﴾ (المعارج ۲۴-۲۵)

”۽ اهي (به) جن جي مالن ۾ (خدا جو) حصو مقرر ٿيل آهي، سوال ڪندڙ ۽ نه سوال ڪندڙن لاءِ.“

انهن آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مؤمنن جي مال ۽ دولت ۾ سائل ۽ محروم فردن جو مقرر حق هوندو آهي، يعني جيڪي پاڻ گهرندا آهن، انهن جو حصو هوندو آهي. ان کانسواءِ محروم يعني

خوددار ۽ غيرتمند فردن جو ﺑہ حق هوندو آهي، جيڪي ڪنهن جي آڏو هٿ ناهن ٽنگيندا. تنهن ڪري مالدارن کي اعليٰ اخلاقي تربيت ڏيندي محسن انسانيت ﷺ کي حڪم ڏنو ويو ته:

خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّيْهِمْ (التوبه ١٠٣)

”(اي پيغمبر) انهن ماڻهن جي مال مان صدقا وٺ (ته جيئن) انهن ماڻهن کي (ظاهر ۾ به) پاڪ ڪندو رهين ۽ ڪين (باطن ۾) به سنو ڪندو رهين.“

اميرن جي مال ۽ سامان مان صدقو وٺي معاشري ۾ موجود غريبن، يتيمن، بيواهن ۽ معذورن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن جي مدد فرماءِ. اهو صدقو انهن جي مال کي پاڪ ڪري ٿو ۽ انهن جي نفس جو تزڪيو به ڪري ٿو.

محروم مان مراد اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي ڪنهن اوچتو آفت جا شڪار ٿيا هجن، پر پنهنجي عزت ۽ نفس خاطر ڪنهن جي آڏو هٿ ٽنگڻ کان ڪيٻائين. خاص طور تي سخي واپاري يا ڪو ملازم جڏهن پنهنجي ڪاروبار ۾ ٽٽي پوي ۽ ان کي ماڻهن کان مدد وٺڻ جي ضرورت پوي ته اها ان جي خودداري ۽ عزت نفس جي آزمائش هوندي آهي. ان موقعي تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هن حڪيمانه قول تي عمل ڪرڻ گهرجي.

”ان عزت واري ۽ مالدار تي رحم ڪيو جيڪو اوچتو خوار ۽ سڃو ٿي ويو آهي“.

معاشري ۾ اهڙن غيرتمند فردن کي تلاش ڪرڻو پوندو آهي، ان حڪم مان واضح ٿئي ٿو ته اها حڪومت جي ذميواري آهي ته سرڪاري بيت المال (جمع ڪيل مال ۽ پئسي مان) ايمانداريءَ سان انهن بي سهارا ماڻهن تي خرچ ڪري ۽ انهن کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي قابل بڻائي.

## حڪومت تي عوام جا حق

قرآن مجيد ۾ عام انساني حقن جو ايڏو ته قدر ۽ احترام ڪري ٿو جو جيڪڏهن وقت جو حاڪم به ڪنهن جي حق تلفي ڪري ته اهو هڪ ماڻهو ان جي خلاف به آواز بلند ڪري سگهي ٿو. قرآن مجيد ڪنهن ملڪ جي سربراهه کي به اهو حق نه ڏنو آهي ته اهو عوام جي حقن تي سوديبازي ڪري يا عوامي راءِ جي خلاف ڪو قدم کڻي. قرآن مجيد واضح طور تي ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن ڪو حڪمران پنهنجي رعيت تي ظلم ۽ زيادتي ڪري ٿو ته ان رعيت کي ان وقت قرآن ۽ رسول ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي، قرآن فرمائي ٿو:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاُولِي الْاَمْرِ مِنْكُمْ ۚ فَاِنْ تَنَازَعْتُمْ فِيْ شَيْءٍ فَرُدُّوْهُ اِلَى اللّٰهِ وَالرَّسُوْلِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ (النساء ٥٩)

”اي ايمان وارؤ الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ اوهان مان جيڪو حاڪم هجي تنهن جي (به) پوءِ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ بابت جهڳڙو ڪريو ته پوءِ جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهيو ته ان لاءِ الله ۽ پيغمبر جي حڪم ڏانهن رجوع ڪريو.“

رعيت جو عام ماڻهو به انفرادي ۽ اجتماعي طور تي فتني ۽ شر جي خلاف اصلاحي آواز بلند ڪري سگهي ٿو ته جيئن معاشري ۾ امن امان قائم رهي ۽ اها هر هڪ ماڻهوءَ جي ذميواري آهي. جيڪڏهن معاشري ۾ ڪي ماڻهو بدنظمي پيدا ڪرڻ گهرن ٿا يا سرعام فحاشي ۽ منڪرات جا مرتڪب ٿين ٿا ته هر مسلمان جي مٿان لازم آهي ته هو انهن جي روڪٿام ڪري ۽



لادينيت جو مقابلو ڪري. ان سلسلي ۾ قرآن مجيد بني اسرائيل جو مثال ڏيندي فرمائي ٿو.

لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ عَلٰي لِسَانِ دَاوٗدَ وَعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۭ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ۝ كَانُوْا لَا يَتَنَاهَوْنَ عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُ ۭ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ۝ (المائده ٧٨-٧٩)

”بني اسرائيلن مان جيڪي ڪافر ٿيا تن کي دائود ۽ عيسيٰ پٽ مريم جي زبان سان لعنت ڪئي وئي آهي، اهو هن سببان آهي جو بي فرماني ڪيائون ۽ حد کان لنگهندا هئا، جيڪي بد ڪم ڪندا هئا تن کان هڪبئي کي نه جهليندا هئا جيڪو ڪندا هئا سو ضرور بد آهي.“

دنيا جي هر مسلمان کي نه صرف ”اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَرِ“ جو حڪم ڏنو ويو آهي بلڪ مسلمان مرد ۽ عورت جي اها امتيازي صفت ٻڌائي وئي آهي ته مؤمن مرد ۽ عورتون پاڻ ته برائين کان رڪجن ٿا پر ٻين کي به برائين کان روڪين ٿا ۽ پاڻ به چڱائين جي لاءِ پلئجي پون ٿا ۽ ٻين کي چڱائين ڏانهن سڏين ٿا. قرآن فرمائي ٿو:

يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ (التوبه ٧١)

”چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهن ۽ خراب ڪمن کان جهليندا آهن.“

اسان جي خيال ۾ بي حيائي اخلاقي فساد جي پاڙ آهي، جيڪا ڇهري جي نورانيت ۽ شخصيت جو وقار ختم ڪري ڇڏيندي آهي.

اهو ئي سبب آهي جو عورتن کان بيعت وٺڻ وقت خاص طور تي نيڪ ڪمن ۾ اطاعت رسول جو عهد ورتو ويو آهي.

وَلَا يَعْصِيْنَكَ فِيْ مَعْرُوْفٍ (المتحنه ١٢)

”۽ نڪي ڪنهن چڱي ڪم ۾ تنهنجي نافرماني ڪنديون.“

قرآن مجيد ۾ حضرت صالح عليه السلام جي واقعي ۾ وڏي ڏامر ڏومر سان انسانن روڪيو ويو آهي ته فسادين جي ڪيڍ نه لڳو. قرآن فرمائي ٿو:

وَلَا تُطِيْعُوْٓا اَمْرَ الْمُسْرِفِيْنَ ۝ الَّذِيْنَ يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ وَلَا يُصْلِحُوْنَ ۝ (الشعراء ١٥١-١٥٢)

”۽ انهن حد کان لنگهندڙن جو چيو نه مڃو، جيڪي ملڪ ۾ بگيڙ وجهندا آهن ۽ سڌارو نه ڪندا آهن.“

قرآن مجيد صرف انساني حقن جو تحفظ نٿو ڪري بلڪ اهو هر ماڻهو کي پنهنجي فرض ۽ واجبن جي ادائگي جو پابند به بڻائي ٿو. جو ته انسان ڪڏهن پنهنجن حقن تان دستبردار ٿي سگهي ٿو پر فرضن جي ادائگي کان منهن موڙي خود غرض بڻجي حقوق العباد غصب ڪرڻ جي جسارت نٿو ڪري سگهي. مطلب ته حق وٺڻ سان گڏ حق ادا به ڪرڻا پوندا، ايئن نه ٿئي جو پنهنجا حق ته وٺي پر ٻين جا حق وساري ويهي.

**********************************

**مولانا عبيدالله سنڌي ۽ سنڌس ڪجهه همعصر**
ليک ابوسلمان شاهجهان پوري/ سنڌيڪار: حافظ ابوالاديب سنڌي
برصغير ۾ روشن فڪري ۽ رجعت پسندي جي ٽڪراءَ جي پسمنظر ۾ اهم انڪشافن کي ظاهر ڪندڙ ڪتاب. مُلهه: 150.00 روپيا. صفحا: 224
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي فون: 021_32737290

سهيڙيندڙ: ثناءُ الله سومرو

# جان، جان هئي جيئري، ورچي نه ويني . . .!

*هيٺ ڏنل مضمون حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم جي ادارت هيٺ نڪرندڙ ٺٽي مان هفتيوار اخبار ”اصلاح“ جي ٽن مهينن (مارچ کان مئي 1939ع) جي رڪارڊ مان ورتل مولانا سنڌيءَ بابت خبرن، تقريرن، رپورٽن ۽ تحريرن تي مشتمل آهي، اهي اخبارون نصرپور مان محترم ڪريمي ابڙي صاحب جي ٿورن سان حاصل ٿيون. (سهيڙيندڙ)*

## حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي جلاوطنيءَ کان واپس ڪراچي پهچڻ جو اکين ڏٺو احوال

حضرت مولانا عبيدالله صاحب جن 4 مارچ 1939ع اڱاري ڏينهن ”المدينه“ جهاز ۾ ڪراچي بندرگاهه تي پهچي ويا. جهاز پوري 8 بجي بندر تي لنگرانداز ٿيو. مولانا جي استقبال لاءِ هر فرقي، هر جماعت ۽ هر قوم جا بيشمار مشتاق بندر تي اچي گڏ ٿيا هئا. ڪانگريس، جمعيت العلماءِ سنڌ ۽ مسلم ليگ جا ليڊر ۽ ميمبر به ججهي انداز ۾ حاضر هئا، جن مان قابل ذڪر هيٺيان صاحب آهن: حضرت مولانا محمد صادق رحه، مولانا محمد صديق، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا محمد عثمان بلوچ، حافظ محمد حسن، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيٺ حاجي محمد يوسف ولد حاجي لڏا، ڊاڪٽر تارا چاند لالواڻي، مسٽر لال جي مهوترا، سيٺ هري داس لالجي، ڪڪي پيٽڻ، مسٽر اچاريه گدواڻي ۽ ٻيا گورنمينٽ جا نمائندا. خانبهادر الله بخش پرائم منسٽر منسٽر ۽ آنريبل پير الاهي بخش به سوير بند تي حاضر هئا. ڪانگريس، جمعيت العلماءِ ۽ مسلم ليگ جا والنٽيئر به پنهنجي سرخ سبز وردين سان جلوه گر هئا. خاڪسار به پنهنجي طرفان پريڊ جي نمائش ڪرڻ آيا هئا. پندرنهن ويهه منٽ حضرت مولانا صاحب جن ٻين حاجين جي وچ ۾ بندر تي حاضرين جو معائنو فرمائڻ ۽ زيارت ڪرائڻ بعد جهاز تان فروڪش ٿيا. ماڻهن جو هجوم ۽ انبوهه ايتري قدر هو جو حضرت مولانا کي موٽر تائين سوار ٿيڻ ۾ سخت دقت پيش آئي، جو سندن ميزبانن کي سندن سلامتي خطري ۾ محسوس ٿي ۽ هڪ گوري پوليس سارجنٽ به انتظار ڪرايو ته مولانا پيرسن آهي متان ڪيس چيپاٽيو وڃي. بندر تي مولانا صاحب جي ميزبانيءَ جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي صاحب پيش ٿيا جن مان شيخ عبدالمجيد صاحب خصوصيت سان قابل ذڪر آهي. حضرت مولانا فرمايو ته، مولانا محمد صادق صاحب منهنجا استاد پائي آهن. منهنجا ميزبان اهي آهن، آئون انهن جو مهمان آهيان، آئون پنهنجو پاڻ انهن جي حوالي ڪيان ٿو، انهن جي مرضي جنهن جي به حوالي ڪن. آخر موٽر ۾ سوار ٿي مظهرالعلوم لائبريري هال اسلام آباد کڏي ۾ تشريف فرما ٿيا. ساڻن موٽر ۾ مولانا محمد صادق، مولانا محمد صديق، حڪيم فتح محمد ۽ سيٺ حاجي محمد يوسف ولد حاجي لڏا سوار هيا، منزل گاهه ۾ پهچڻ تي ڏٺو ويو ته صدها ماڻهو، هندو ۽ مسلمان ۽ ڪانگريسي ۽ مسلم ليگي حاضر هئا. مولانا صاحب ويهڻ شرط سڀن کي مخاطب ٿي فرمايو (ان تقرير جا ڪجهه نوٽ هيٺ ڏجن ٿا)

”آءٌ سڄي دنيا، انڊين نيشنل ڪانگريس جي نمائندي جي حيثيت ۾ ڏسي سگهيو آهيان. دنيا



جي غير اسلامي توڙي اسلامي ملڪن ۾ هندو مسلم يا قومن ۽ فرقن جو ڪو فرق ۽ تفاوت ڪانهي. قرآن شريف جي تعليم مطابق بين الاقوامي حيثيت ۾ متحد قوميت ئي اهم شيءِ آهي.

مولانا فرمايو ته آءٌ روس ۾ ته ڪانگريسي ٿي رهيس پر مڪي شريف ۾ به مون کي تڏهن رهڻ ڏنو ويو، جڏهن حڪومت کي پڪ ٿي ته آءٌ ڪانگريسي آهيان.

مولانا فرمايو ته، ”جنهن تدبر سان مون قرآن حڪيم کي سمجهيو آهيان، گهران ٿو ته ڪن چئن عالمن کي ان مطابق تعليم ڏيان. جيڪڏهن مون قرآن پاڪ جو حقيقي فلسفو چئن عالمن کي سمجهايو ته آءٌ سمجهندس ته منهنجي زندگيءَ جو مقصد پورو ٿيو جيڪڏهن مسلمان عالم مون وٽ منهنجي تحقيقات موجب قرآن شريف نه پڙهندا ته آءٌ بنارس هندو يونيورسٽيءَ جي پروفيسرن کي پڙهائيندس. جيڪڏهن انهن قرآن پاڪ پڙهڻ کان انڪار ڪيو ته کين گيتا پڙهائيندس، گيتا پڙهندا ته قرآن پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيندن. فرمايائون ته آءٌ گيتا اهڙي ڄاڻان جو هندوستان جو ڪو هندو به مون جهڙي ڪونه ڄاڻي. مهاتما گانڌيءَ گيتا جو شرح لکيو آهي پر اهو غلط آهي. مهاتما گيتا مان ڪجهه نه ڄاڻي، جڏهن منهنجو شرح ٻڌندو تڏهن مهاتما پنهنجي شرح کان ئي توبهه ڪندو. فرمايائون ته آءٌ جواهر لال ۽ سڀاش بوس جي خيالن جو آهيان، پڇاڙيءَ ۾ فرمايائون ته آءٌ پاڻ وڃي انهن دوستن سان ملان ٿو جي منهنجي مسلڪ جا ناهن مگر منهنجا شخصي دوست آهن تان ته ايئن نه سمجهيو وڃي ته پاليسيءَ جي اختلاف ڪري دلين ۾ به ڪو اختلاف آهي.“ ايئن فرمائي سيٺ حاجي عبدالله هارون جي جاءِ تي ويا مگر سيٺ صاحب دهلي ويل هو، اتاهون ٿي موٽي پنهنجي منزل تي آيا.

*(”اصلاح“ آچر 9 مارچ 1939ع ۽ بعد ۾ ماهوار الصادق ڪراچي آگسٽ- سيپٽمبر 1980)*

## سردار بهادر مير الهداد خان ٽالپر جي خيرات

مؤرخه 19 مارچ سردار بهادر ميرالهداد خان، حضرت مولانا عبيدالله سنڌي صاحب جن جي زيارت لاءِ مدرسي مظهرالعلوم محلي اسلام آباد کڏي ڪراچي ۾ آيا ۽ سنڌ ۾ حضرت مولانا صاحب جي تشريف آوريءَ جي خوشيءَ ۾ هڪ سؤ روپيا نقد مدرسي مذڪوره کي خيرات ڏنائون.

*(”اصلاح“ خميس 23 مارچ 1939ع)*

## حضرت مولانا عبيدالله صاحب طرفان شڪريو

منهنجي قلبي خواهش هئي ته منهنجا دوست منهنجي آمد جي خوشيءَ جو اظهار هن طرح ڪن، جو مدرسي مظهرالعلوم کڏي ڪراچيءَ ۽ جمعيت العلماءِ سنڌ جي حتي الوسع امداد ڪن، مان نهايت مسرت سان سردار بهادر جو شڪريو ادا ڪريان ٿو ۽ دعا ٿو ڪريان ته الله تعاليٰ کين دارين جي مقاصد ۾ ڪامياب ڪري. آمين. (مولانا) عبيدالله. *(”اصلاح“ خميس 23 مارچ 1939ع)*

## حضرت مولانا عبيدالله صاحب جي دينپور شريف روانگي

تاريخ 19 مارچ شام جو لاهور ميل ۾ حضرت مولانا عبيدالله صاحب دينپور شريف روانا ٿي ويا ۽ وري 31 مارچ موٽي ڪراچي تشريف فرما ٿيندا. *(”اصلاح“ 23 مارچ 1939ع)*

## مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو اقوال زرين

مولانا صاحب جن هڪڙي صحبت ۾ فرمايو ته هي جو هندستان جا اهلِ قلم وڏن جي شجاعت ۽ بهادريءَ، بزرگن جا علمي ۽ عملي ڪارناما ٻڌائي قوم کي خوش ڪن ٿا ۽ قوم به وڏن جا ڪارناما ٻڌي ناز ڪري ٿي، اهو غلط طريقو آهي. ضرورت آهي ته ارباب علم ۽ اصحابِ قلم قوم اڳ آئنده

جو عملي پروگرام پيش ڪن. قوم کي وڏن جي ڪارنامن تي ناز ڪرڻ جي بجاءِ پاڻ کان پڇا ڪرڻ گهرجي تہ هو پاڻ ڇا ڪري رهيا آهن؟ ۽ سندن قدم ڪهڙي عملي ميدان ۾ هلي رهيو آهي؟ ”پدرم چنين بود و جدم چنان.“ (يعني منهنجا ابا ڏاڏا ڪيڏا وڏا ماڻهو هئا.) چوڻ مان هن زماني ۾ ڪجھ بہ حاصل ٿيڻو ڪونهي. اها ”استخوان فروشي“ (هڏن وڪڻڻ جو ڪم) بي عملن لاءِ بي عمليءَ جو آسرو بڻجيو پوي ٿي. ڪوبہ انسان پنهنجي بي عمليءَ جي بدنما داغ کان وڏن جي نيڪ عملن جي ڪري آزاد نہ ٿو ٿي سگهي. ”پدرخويش شواگرمردی.“ (يعني پنهنجي پيءُ جهڙو ٿيءُ جيڪڏهن مرد آهين!)

حضرت مولانا هڪڙي ڀي صحبت ۾ فرمايو تہ دين جو بنياد ڇا آهي؟ دين ڇا آهي؟ ۽ حڪومت جو بنياد ڪهڙيءَ ڳالھ تي آهي؟ فرمايائون تہ انسان جڏهن دنيا ۾ پيدا ٿو ٿئي تہ منجهس قوت حيواني (زندگي) موجود رهي ٿي، تڏهن هو غذا ۽ قوت گذران جي تلاش ۾ سرگردان ٿئي ٿو ۽ ڪوشش ڪري ٿو تہ هو پنهنجو قوت لايموت حاصل ڪري. انسانن ۾ ڪي وڏيڪ عقل وارا ۽ ڪي وڏيڪ طاقت وارا ٿين ٿا ۽ ڪي گهٽ عقل وارا ۽ ڪي گهٽ طاقت وارا. جيڪي وڏيڪ عقل ۽ وڏيڪ طاقت وارا آهن، سي گهٽ عقل ۽ گهٽ طاقت وارن جي ڪمائيءَ تي قبضو ڪرڻ گهرن ٿا. ان طرح هڪڙا غريب ۽ ٻيا شاهوڪار ٿين ٿا ۽ هڪڙا ظالم ۽ ٻيا مظلوم. جڏهن غريبت ۽ شاهوڪاري پيدا ٿئي ٿي، تڏهن ظالميت ۽ مظلوميت جو رنگ وٺي ٿي. اهڙي حالت ۾ مظلوم کي ظالم کان بچائيندڙ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي.

ڪائنات عالم جو منتظم حقيقي، مظلوم کي ظالم کان بچائڻ لاءِ وري هڪ ٻي زبردست طاقت واري انسان کي يا انسانن کي موجود ڪري ٿو، جيڪي مظلوم کي ظالم جي زيادتين کان بچائين، سڀ ڪنهن ضرورت مند جي ضرورت ۽ سڀ ڪنهن بکئي جي گذران جو انتظام ڪن. انهيءَ طاقت جو نالو آهي حڪومت، سلطنت خلافت يا جيڪو بہ نالو ڏيوس. جڏهن اها طاقت (حاڪم قوت) برسر اقتدار اچي ٿي، تڏهن قانون جي ضرورت ٿئي ٿي، جنهن قانون جو بنياد عدل ۽ انصاف تي هوندو آهي تان تہ ان قانون موجب مظلوم جو ظالم کان بچاءُ ٿئي، انهيءَ جو نالو آهي ”دين“. اهو دين ڇاهي دين اسلام هجي، يا ڪنهن ٻي ملت ۽ قوم جو، غرض سڀني جو ساڳيو هوندو آهي. انهيءَ کان پوءِ انهيءَ طاقت جي هلائيندڙ يعني حاڪم جي حالت کي ڏسڻو پوندو، جيڪڏهن هو مظلومن جي داد رسي هن خيال سان ڪري ٿو تہ طاقت بخشيندڙ خالق جي خوشنودي حاصل ڪري ۽ رضا الاهيءَ جو سبب بڻجي تہ انهيءَ کي عدل سان گڏ خدا ترسي، تقويٰ ”احسان“ چئبو. ” اِنَّ اللّٰہَ یَاۡمُرُ بِالۡعَدۡلِ وَالۡاِحۡسَانِ “ ۾ انهيءَ ئي فلسفي ڏانهن اشارو آهي. پر جيڪڏهن اهو حاڪم خدا ترسي ۽ رضا الاهي حاصل ڪرڻ جي نيت کان سواءِ حڪومت هلائي ۽ مظلوم جي داد رسي ڪري ٿو، تان تہ سندس حڪومت جو رعب قائم رهي تہ اها هڪ قسم جي ذات پرستي چئبي ۽ جيڪڏهن ڪو حاڪم مظلوم رعيت جي حفاظت پوري طرح نٿو ڪري تہ اها رعيت انهيءَ حاڪم کان بيزار ٿئي ٿي. انهيءَ حالت جو نالو حڪومت جي اصطلاح ۾ آهي ”بغاوت“ ۽ مظلومن جي محاوري ۾ آهي ”جهاد“. بهرحال ”دين“ جي فلسفي مان ثابت ٿيو تہ ماني ۽ پيٽ گذران جو بندوبست ئي دين جو پهريون سبب آهي. جنهن قوم کي پيٽ گذران پورو نہ آهي، انهيءَ قوم کي مانيءَ جو فڪر هميشہ پريشان حال رکندو. مولانا فرمايو تہ هي آهي فلسفو شاه ولي الله رحہ جو، جنهن کي مون هندستان ۾ پڙهيو ۽ پڙهايو تہ چڱيءَ طرح هو، پر سمجهيم چڱيءَ طرح وچي هندستان کان ٻاهر يورپ ۾.

مولانا صاحب هڪڙي ٻي صحبت ۾ فرمايو تہ جن کي سياسي عقل ڪونهي، اهي فرقي بازيءَ



جي بلا ۾ ڦاسي وڃن ٿا. ليگ ۽ مهاسڀا جا مدبر پنهنجي سياستداني ۽ مدبرائيءَ جو ڪو چڱو مثال پيش ڪونہ ٿا ڪن. عقل خدا جي ڏنل عظيم الشان نعمت آهي جا غلط رستن ۽ غلط طريقن تي خرچ نہ ڪجي، جنهن شخص جو عقل ڪيس غلط طريقي تي هلائي، سمجهڻ گهرجي تہ اهو عقل نہ آهي، بلڪ بي عقلي آهي. (”اصلاح“ 26 مارچ 1939ع)

**حضرت عبيدالله صاحب جو لاهور ۾ شاندار استقبال**

لاهور 22 مارچ حضرت مولانا عبيدالله صاحب تشريف فرما ٿيا، هزارين ماڻهن اسٽيشن تي سندن استقبال ڪيو ۽ احرار بئنڊ ڪين سلامي ڏني. (”اصلاح“ 26 مارچ 1939ع)

**لاهور ريلوي اسٽيشن تي حضرت مولانا عبيدالله صاحب جي تقرير**

22 مارچ جڏهن حضرت مولانا عبيدالله صاحب لاهور پهتا تہ 50 هزار هندن ۽ مسلمانن سندن استقبال ڪيو، مولانا کي هار وڌا ويا، احرارن ۽ خاڪسارن ڪين سلامي ڏني ۽ بم گولا ڇوڙيا ويا. اسٽيشن کان ٻاهر باغ ۾ مولانا تقرير ڪندي چيو تہ هندستان کان ٻاهر مون ڪانگريس جي نمائندي جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو رهيس ۽ انهيءَ ڪري ئي منهنجي ٻين ملڪن ۾ عزت ٿيندي رهي. مان ڪانگريسي آهيان ۽ مرڻ تائين ڪانگريسي ٿي رهندس. پڇاڙيءَ ۾ مولانا مسلمانن کي اپيل ڪئي تہ ڪانگريس ۾ شامل ٿي آزادي وطن لاءِ جدوجهد ڪريو. (”اصلاح“ 30 مارچ 1939ع)

**مولانا عبيدالله صاحب دهليءَ ۾**

حضرت مولانا عبيدالله صاحب لاهور مان ٿي 25 مارچ دهليءَ پهتا آهن. رستي ۾ جالندر اسٽيشن تي هزارين ماڻهن سندن استقبال ڪيو. (”اصلاح“ 30 مارچ 1939ع)

**حضرت مولانا عبيدالله صاحب جو خط مولانا محمد صادق ڏانهن**

بخدمت شريف مولانا المحترم محمد صادق صاحب

سلام مسنون، اوهان کان رخصتياب ٿي ٻہ ڏينهن دينپور ۾ رهيس، ٽئين ڏينهن لاهور پهتس، اتي ٻہ ڏينهن بيمار گذاريم، ڪلھ ديوبند پهتو آهيان، اصل ۾ ارادو هو تہ ديوبند ويندي دهليءَ کان ٿيندو ويندس ۽ پهرين اپريل ڪراچيءَ پهچي ويندس، مگر افسوس جو طبيعت جي ڪمزوريءَ ڪري اڄ بہ سفر نہ ڪري سگهيس، شايد سڀاڻي بہ آرام جي ضرورت ٿئي. انهيءَ ڪري پهرين اپريل تائين دهليءَ بہ مشڪل پهچان. هينئر جڏهن تہ سنڌ تعليمي ڪانفرنس ۾ حاضر ٿيڻ مشڪل آهي تڏهن ارادو اٿم تہ دهليءَ کان ٿيندو وري لاهور ڏانهن اچان، تنهن ڪري شايد ٻہ هفتا لڳي وڃن. اگرچہ هي ڪو قطعي پروگرام نہ آهي جهڙا حالات پيش ايندا رهندا عرض ڪندو رهندس. توهان مهرباني ڪري پير صاحب (پير الاهي بخش وزير تعليم سنڌ) جي خدمت ۾ منهنجي غيرحاضريءَ جو عذر پيش ڪري معافي وٺندا.

مولانا عبدالله لغاري صاحب کي چوندا تہ ڪراچي رهيو پيو هجي ڇو تہ منهنجو پروگرام قطعي ناهي، تنهن ڪري ممڪن آهي تہ جلد ئي ڪراچيءَ پهچي وڃان. سڀني دوستن خصوصاً جناب حڪيم فتح محمد صاحب ۽ مولانا محمد صديق صاحب کي السلام عليڪم چوندا.

(”اصلاح“ خميس 06 اپريل 1939ع)

**مدرسه عربيه مظهرالعلوم ۾ فوجي تعليم جو اضافو**

مدرسي مظهرالعلوم محلي اسلام آباد ڪڏي ڪراچيءَ ۾ ڪيتري وقت کان عربي خوان

طالبن کي عربيءَ سان گڏ ڪجھ انگريزي بہ پڙھائي پئي وڃي، تنھن ھوندي بہ مدرسي جي حضرت مھتمم صاحب عربي طالبن مان سستي ڪڍڻ، ڪين سپاھي ۽ چست چالاڪ بنائڻ خاطر اميرالمجاھدين حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ھدايت موجب فوجي تعليم لازمي قرار ڏني آھي. تنھن ڪري سيني طالبن کي عصر جي نماز کانپوءِ پريڊ ۽ فوجي قوانين سيکاريا وڃن ٿا.

("اصلاح" 06 اپريل 1939ع)

**حضرت مولانا عبيدالله جو تازو مڪتوب گرامي مولانا محمد صادق ڏانھن**

بخدمت شريف مولانا المحترم زيد مجدڪم

سلام مسنون- اڄ ڪجھ آرام آھي. سياٽي ھتان نڪرڻو آھيان، ھڪ رات دينپور، ھڪ رات پرچوندي، ھڪ رات امروٽ رھي پوءِ اوھان جي خدمت ۾ حاضر ٿيندس. ڏند ڪڍايا اٿم، رت گھڻو نڪتو، ضعف گھڻو ٿي ويو آھي، منھن تي سوڄ ٿي پئي ھئي. مسافري ڪرڻ جي لائق ئي نہ رھيو ھوس. چار پنج ڏينھن بيڪار پيو ھوس، نہ تہ ھن عرصي ۾ دھلي ۽ ديوبند مان ٿيندو اچان ھا. ھاڻي سڌو اچان ٿو، والله الموافق

جناب حڪيم فتح محمد صاحب، مولوي فضل احمد، جناب مولوي محمد صديق، مولوي عبدالله (لغاري وغيره) دوست سلام مسنون قبول فرمائين.

22- اپريل 1939ع خدام الدين لاھور عبيدالله

**سنڌ جي دوري جو پروگرام**

حضرت مولانا عبيدالله صاحب جن آنريبل پير الاھي بخش وزيرتعليم سان سنڌ جي دوري لاءِ روانا ٿيا آھن سندن گشت جو پروگرام ھيٺ ڏجي ٿو:

ڪراچي مان روانگي 3- مئي شام، لاڙڪاڻو 4-5 مئي، جيڪب آباد 6-7 مئي، نوابشاھ 8-9 مئي، ميرپورخاص 10-11 مئي، حيدراباد 12-13 مئي، ڪراچي 14 مئي.

("اصلاح" 7- مئي 1939)

**سنڌ ۾ تعليم کي عام ڪرڻ بابت مولانا سنڌيءَ پاران سنڌ ين کي عاجزانہ عرض:**

سنڌ جا رھواسيو! ٻاھرين دنيا ۾ سياسي تجربن مان جيتريقدر مون تجربو حاصل ڪيو آھي، انھيءَ مان پھريون ۽ ضروري اصول فقط "عام تعليم" آھي. عام تعليم جو مطلب اھو نہ آھي تہ ماڻھن کي پوليٽيڪل پروگرام سيکارجي يا مذھبي تعليم ڦھلائجي، مقصد آھي تہ ھرڪو سنڌي پنھنجي مادري زبان کي ڪنھن صورت ۾ ڪاغذ تي لکي سگھي.

آءٌ ھندستاني آھيان، مگر سڄي ھندستان مان منھنجو وطني تعلق فقط سنڌ سان آھي. انھيءَ ڪري منھنجو فرض آھي تہ آءٌ پنھنجن سنڌي ڀائرن کي سنڌي لکڻ پڙھڻ سيکارڻ جي ڪوشش ڪريان.

آءٌ الله رب العزت جي سڀ کان وڏي نعمت اھا سمجھان ٿو، جو ھن نون سڌارن واري اسڪيم موجب سنڌ گورنمينٽ جي تعليم کاتي جي واڳ عالي جناب آنريبل پير الاھي بخش صاحب جي ھٿن ۾ آيل آھي، مون کي وڏي خوشي ھن ڳالھ جي آھي، جو پير صاحب تعليمي فرض اھڙيءَ طرح ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آھي، جھڙي طرح مون پاڻ لاءِ رٿيو ھو.

انھيءَ ڪري منھنجي سموري طاقت کي يعني منھنجي پوليٽيڪل جماعت انڊين نيشنل ڪانگريس جي ميمبرن ۽ مڃڻ وارن کي، منھنجي علمي، مذھبي جماعت جمعيت العلماءِ جي پيروي ڪندڙن کي، منھنجي مرشدن جي خاص جماعتن کي؛ جھڙيءَ طرح پرچوندي شريف جي جماعت، امروٽ شريف جي جماعت، حضرت پير صاحب العلم (جھنڊي واري) جي جماعت، بلڪ حضرت پير صاحب روضي واري جي ساري جماعت ۽ منھنجن انھن سيني شاگردن کي جن مون کان سڌيءَ طرح يا اڻسڌيءَ طرح علمي فائدو حاصل ڪيو آھي؛ تن سيني کي سنڌ گورنمينٽ جي ھن علمي اسڪيم کي ڪامياب بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گھرجي.



ھن سان گڏ آءٌ مسلمانن جي ھڪ خادم جي حيثيت ۾ ھر ھڪ سنڌيءَ کان (چاھي اھو ڪھڙي بہ مذھب ۽ فرقي جو ھجي) پنھنجي دلي صداقت جي بنياد تي اميد رکان ٿو تہ ھو سڀ منھنجي ھن فرض ادا ڪرڻ واري ڪم ۾ عالي جناب پير صاحب وزيرتعليم جي حڪم ۽ اشاري موافق ڪم ڪندا.

آءٌ پڇاڙيءَ ۾ ھن خاص تحريڪ بابت سنڌ گورنمينٽ ۽ عالي جناب گورنر صاحب جو شڪريو ادا ڪريان ٿو، جو انھن ملڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ھي تمام چڱو ۽ وڏو قدم کنيو آھي.

(1 مئي 1939ع) (اوھان جو خادم) عبيدالله سنڌي ديوبندي

("اصلاح" آچر 7- مئي 1939ع)

**ھالن نون ۾ مولانا عبيدالله صاحب جي تشريف آوري**

مورخہ 13 مئي صبح جو حضرت علامہ عبيدالله سنڌي صاحب، مولانا محمد صادق صاحب ۽ پير الاھي بخش (تعليمي وزير) موٽر رستي ھالن نون ۾ پھتا، ميونسپل ميمبرن، ھندو پنچائت ۽ شھر جي معززن سندن پرجوش استقبال ڪيو. 4 بجي شام جو پھريائين انجمن مولدالنبي ھالا جي طرفان علامہ عبيدالله صاحب کي ايڊريس ڏني وئي. ان کان پوءِ مسٽر حاجي محمود، پريزيڊنٽ ھالا ڪانگريس ڪميٽي جي طرفان اعزازي ايڊريس پيش ڪئي. جنھن ۾ سندس علم ۽ سياسي تدبر کي ساراھيو ويو ھو ۽ کيس اپيل ڪئي ھئي تہ ھندستان ۽ سنڌ جي عالمن کي ھدايت ڪريو تہ وطن جي آزاديءَ جي راھ ۾ پاڻ بہ قرباني ڏين ۽ پنھنجي قوم کي بہ تيار ڪن. مولانا صاحب جن انھيءَ ايڊريس تي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ڪانگريس متعلق پنھنجا اڳوڻا ۽ ھاڻوڪا تجربا ٻڌايائون ۽ چيائون تہ مون کي ڪانگريس اندر پنھنجو پروگرام ڪٽي وڃڻو آھي جو اميد تہ ملڪ کي قبول پوندو ۽ ان ۾ ھندو خواہ مسلمان سڀئي شريڪ ٿيندا ۽ اتحاد سان وقت گذاريندا.

(آچر 21 مئي 1939ع)

**حضرت مولانا عبيدالله صاحب جي حيدرآباد ۾ زبردست تقرير**

مورخہ 13 مئي شام جو ھومسٽيڊ ھال ۾ حضرت مولانا عبيدالله صاحب جي تعارف ۽ تقرير لاءِ ڪانگريس طرفان عظيم الشان جلسو منعقد ٿيو، جنھن ۾ مولانا صاحب تقرير ڪندي فرمايو تہ "انسان جي فڪري ارتقا مرحليوار ٿئي ٿي. مون سان بہ ائين ٿيو جو جڏھن منھنجي عمر 16 سال ھئي ۽ ان وقت آءٌ سڪ ھوس، تڏھن اخبارن ۾ ھيءَ خبر مشھور ٿي تہ رانا رنجيت سنگھ جو پٽ دليپ سنگھ ولايت مان موٽائي ھندستان آندو وڃي ٿو. اسان جي گھرن ۾ انھيءَ ڪري عيد ٿي وئي مگر پوءِ معلوم ٿيو تہ کيس عدن کان واپس ڪيو ويو. انھيءَ وقت کان وٺي منھنجي دل ۾ انگريزن ڏانھن نفرت پيدا ٿي ۽ انھيءَ وقت منھنجي نظر ۾ فقط لاھور ھو، پر جڏھن آءٌ مسلمان ٿيس تڏھن منھنجي فڪر جو مرڪز لاھور جي بجاءِ دھلي بڻيو تہ انھيءَ وقت مون دھليءَ جي مرڪزيت پٽاندڙ ھڪ تجويز تيار ڪئي ھئي جنھن جو گھڻو تعلق پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ دھليءَ سان ھو. انھيءَ کان

پوءِ آءٌ ڪابل ويس، اتي هندستان جي آزاديءَ لاءِ مدد وٺڻ لاءِ پهتل هوس ۽ امير حبيب الله مرحوم جي صلاح سان ڪم ڪرڻ لڳس. هن مون کي چيو ته اسلام سان تنهنجي محبت ساراهڻ جهڙي آهي مگر تو کي وسيع هندستاني بنيادن تي هندن سان گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو، انهيءَ ڪري آءٌ اتي پاڻ کي هندستاني چوائڻ لڳس ۽ منهنجو نقط نظر ڦري هندستاني قوميت بڻيو. امير امان الله جي وقت ۾ مون ڪانگريس ڪميٽي قائم ڪئي جنهن جو صدر مون کي بڻايو ويو، ڪابل ڇڏي جڏهن آءٌ ماسڪو پهتس تڏهن ڪانگريسي هجڻ ڪري، روسي حڪومت نه فقط مون کي عزت ڏني پر حالتن جي مطالعي ڪرڻ لاءِ به ڪافي سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون. روس جي حالتن جو مطالعو ڪرڻ بعد منهنجو نقط نگاهه قوميت مان بدلجي انٽرنيشنل (بين الاقوامي) بڻيو ۽ مون محسوس ڪيو ته انٽرنيشنل بنجڻ کان سواءِ هندستان سياسي آزادي هٿ نه ڪري سگهندو.

انٽرنيشنلزم جا دنيا ۾ چار وڏا مرڪز آهن. 1- ماسڪو، 2- لنڊن، 3- ٽوڪيو ۽ 4- استنبول. لنڊن ۽ جاپان ٻئي سرمائيدار مرڪز آهن. بئنڪ آف لنڊن جي ڊائريڪٽرن جي هٿ ۾ سڄي دنيا ۾ انقلاب آڻڻ جي طاقت موجود آهي. استنبول وارو مرڪز ختم ٿي چڪو آهي، اسان هندستان ۾ خلافت تحريڪ جاري ڪري،هندستان جي آزاديءَ لاءِ اسلامي ملڪن ڏانهن نهاري رهيا هئاسين، سا اسان جي غلطي هئي ۽ سراسر غلطي ثابت ٿي. اهي حڪومتون پنهنجي بچاءَ ۾ پوريون مس آهن، هينئر جيڪي ليڊر اجا به هندستان جي آزادي لاءِ اسلامي حڪومتن ڏانهن نهاري رهيا آهن، سي غلطيءَ تي آهن ۽ انهن جا احمق مقلد.

انٽرنيشلزم جو باقي هڪ مرڪز ماسڪو وڃي رهيو آهي. مگر هندستان ۽ روس جي تهذيب ۽ ذهنيت ۾ وڏو فرق آهي، تنهن ڪري ماسڪو جي پيروي هتي ڪري نٿي سگهجي، بلڪ هندستان جي اندر پنهنجو هڪ مستقل زبردست انٽرنيشنل مرڪز قائم ڪري سگهجي ٿو، مون کي انهيءَ لاءِ پنهنجو خاص پروگرام آهي.

پڇاڙيءَ ۾ آءٌ مسلمانن کي عرض ڪندس ته هو ڪانگريس ۾ شريڪ ٿي وڃن، ڪانگريس هڪ قوم جي جماعت نه آهي، بلڪ سڀني قومن جي گڏيل جماعت آهي. مون کي منهنجا دوست مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏيئي رهيا آهن. مون کين صاف ٻڌايو ته صبر ڪري ويهندس، مگر غلط ڪم هرگز نه ڪندس. مولانا صاحب جي تقرير اعليٰ اصولن تي مبني هئي، ته به بيحد عام فهم هئي، حاضرين کي سچي ملڪي سياست سمجهڻ ۾ آساني ٿي.

*(”اصلاح“ آچر 21 مئي 1939ع)*

**انجمن خدام خلق**

حضرت مولانا عبيدالله صاحب جن مدرسه عربيه مظهرالعلوم اسلام آباد (کڏي) ڪراچيءَ جي معلمن ۽ متعلمن جي مٿين نالي سان هڪ انجمن برپا ڪئي آهي. انجمن جي هر هڪ ميمبر تي لازم ڪيو ويو آهي ته بلا تفريق مذهب و ملت خدمت خلق ۾ حصو وٺي ۽ پنهنجي ڪم جي رپورٽ روزانو دفتر ۾ پيش ڪندو رهي. (سيڪريٽري)

*(”اصلاح“ خميس 25 مئي 1939ع)*

*****



**مولانا شعيب الرحمان کهڙو**

# عليڪم بسنتي

## مقام عبديت تي قائم رهڻ

پاڻ سڳورا عام انسانن جيان انسان هئا، عام انسانن جيان ڪنهن به خوشيءَ جي ڳالهه تي کين خوشي ۽ فرحت حاصل ٿيندي هئي ۽ ڏک ۽ تڪليف واري ڳالهه تي ڏک ۽ تڪليف پهچندي هئي. خوشي هجي يا ڏک پاڻ سڳورا ﷺ هر حال ۾ مقام عبديت تي قائم رهيا، ۽ هر حال ۾ رب جي رضا تي راضي رهيا.

پاڻ سڳورن ﷺ جي آخري عمر ۾ ماريه قبطيه مان سندن هڪ فرزند ڄائو، پاڻ سڳورن ﷺ وڏي پيار ۽ پاٻوهه مان ان جو نالي پنهنجي بزرگ ۽ عظيم ڏاڏي جي نالي تي ابراهيم رکيو. پاڻ سڳورا ﷺ ان ننڍڙي نينگر جي ولادت تي ايڏو خوش ٿيا جو جڏهن حضرت ابو رافع رضه کين پٽ ابراهيم جي ولادت جي خوشخبري ڏني ته پاڻ سڳورن ﷺ خوشيءَ وچان پنهنجو هڪ ٻانهو ابورافع رضه کي ڏئي ڇڏيو.

ابراهيم اجان ڏيڍ سال جو مس ٿيو ته، هجرت جي ڏهين سال وفات ڪري ويو. پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجي پٽ جي وڇوڙي تي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ سندس وڇوڙي تي پنهنجين اکين مان نير وهائڻ لڳا. پاڻ سڳورا ﷺ عام انسانن جيان انسان هئا، سندن پٽ جي وڇوڙي تي ڏک فطري هو. پاڻ سڳورن ﷺ جا جذبا ۽ حسرتون اهي ئي هيون جيڪي هڪ شفيق ۽ مهربان پيءُ جون هونديون آهن، پر پوءِ به صبر جو دامن نٿا ڇڏين. پاڻ ﷺ غمگين آهن، اکين مان لڙڪ جاري آهن پر زبان سان فرمائي رهيا آهن:

”اي ابراهيم! الله جو قسم! اسين تنهنجي وڇوڙي تي ڏاڍا غمگين ۽ ڏکويل آهيون، اکيون روئي رهيون آهن، دل ڏکايل آهي، پر اسين زبان مان اهڙا لفظ نه ڪينداسون، جيڪي رب کي ناپسند هجن.“

ان ۾ امت کي اهو سبق ڏنو ويو ته پيارن جي وڇوڙي تي ڏک ۽ غم فطري آهي، ڇو ته پنهنجي اولاد سان پيار ۽ شفقت انسان جي فطرت ۾ رکيل آهي. باقي ڏک جي وقت آپي کان ٻاهر نه نڪرجي، بلڪ رب جي رضا تي راضي رهجي.

پاڻ سڳورا ﷺ عام انسانن جيان پنهنجي اولاد سان پيار ۽ شفقت ڪندا هئا، معاشرتي لحاظ سان پنهنجن سنگتين ساٿين سان هڪ جهڙي هلت هلندا هئا، ان ۾ ڪنهن قسم جو امتياز يا فرق نه رکندا هئا. هڪ ڀيري سفر جي ڪنهن موقعي تي صحابه ڪرام کاڌي پيتي جو بندوبست ڪرڻ پئي گهريو. صحابه ڪرام مان ڪنهن چيو ته: ٻڪريءَ کي سير آءٌ ڏيندس، ڪنهن چيو: ٻڪريءَ جي کل آءٌ لاهيندس. ڪنهن چيو ته، ياڃي آءٌ رڌيندس، پاڻ سڳورن فرمايو: ڪاٺيون آءٌ گڏ ڪندس، ماڻهن چيو: اي الله جا رسول ﷺ اسين سڄو بندوبست پاڻ ڪنداسون، اوهان کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه ڏينداسون، تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته مان پنهنجي ساٿين جي وچ امتياز کي پسند نه ٿو ڪريان. ڇو ته الله تعاليٰ کي اها ڳالهه پسند نه آهي ته ان جو ڪو ٻانهو پنهنجن ساٿين ۾ امتياز سان رهي.

**پيغمبرانہ نقطۂ آغاز:**

جنهن وقت پاڻ سڳورن ﷺ کي نبوت ملي، ان وقت پوري دنيا گمراهيءَ جي گهيري ۾ وڪوڙيل هئي، ماڻهو الله تبارڪ و تعاليٰ جي توحيد کان بي خبر شرڪ ۽ ڪفر ۾ مبتلا هئا. خود الله جي گهر ڪعبت الله ۾ ٽي سئو سٺ بت رکي انهن جي پوڄا پاٺ ڪئي ويندي هئي. ماڻهو جوا، شراب، زنا، ڪوڙ، نڳي ۽ بيان اخلاق ڏوهن ۾مبتلا هئا. قيصر ۽ ڪسريٰ دنيا تي سياسي ۽ اقتصادي غلبو قائم ڪري رکيو هو ۽ عربن ۽ ٻين ماڻهن کي پنهنجو غلام سمجهندا هئا.

اهوئي سبب آهي جو جڏهن صلح حديبيہ کان پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ ايراني حڪمران ڪسريٰ ڏانهن دعوتي خط موڪليو ته، ڪسريٰ ان کي پنهنجي بي عزتي ۽ گستاخي تصور ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته: "تڪتب الي بهاذا و هوعبدي"

"اهو موڏانهن خط ٿو لکي، حالانڪ اهو منهنجي غلام آهي." (السيرت النبويہ 508/3)

پيغمبر چونڪ ماڻهن کي انهن بادشاهن جي غلاميءَ مان آزادي ڏيارڻ ايندا آهن، جيڪي خدا ۽ ٻانهن جي وچ ۾ عبديت جي تعلق ۾ رڪاوٽ هوندا آهن. هو انسانن کي انسانن جي غلاميءَ مان ڪڍي هڪ خدا جي غلاميءَ ۾ آڻڻ چاهيندا آهن، ماڻهو جيڪي جبر ۽ ڏاڍ جي غلاميءَ ۾ اچي آزاديءَ سان زندگي گذارڻ جو سياسي شعور ختم ڪري چڪا هوندا آهن. پيغمبر اچي انهن کي علم ۽ شعور عطا ڪندا آهن، ته جيئن ماڻهو پانت پانت جي غلاميءَ مان نڪري هڪ خدا جي غلاميءَ ۾ اچن.

اهو ئي سبب آهي جو جڏهن غار حرا ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي وحيءَ جي شروعات ٿي ته ان پهرين وحي ۾ ئي علم ۽ شعور جي حصول تي زور ڏنو ويو، ان شروعاتي وحيءَ جا الفاظ هن ريت آهن.

اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّکَ الَّذِیۡ خَلَقَ ۚ﴿۱﴾ خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ عَلَقٍ ۚ﴿۲﴾ اِقۡرَاۡ وَ رَبُّکَ الۡاَکۡرَمُ ۙ﴿۳﴾ الَّذِیۡ عَلَّمَ بِالۡقَلَمِ ۙ﴿۴﴾ عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَا لَمۡ یَعۡلَمۡ ؕ﴿۵﴾ (العلق: 1-5)

(اي پيغمبرﷺ) تون پنهنجي پالڻهار جي نالي سان پڙهه، جنهن پيدا ڪيو آهي. انسان کي رت جي ڳڀ مان بنايو اٿس. پڙهه تنهنجو پالڻهار وڏو سخي آهي. جنهن علم سيکاريو آهي انسان کي اهو ڪجهه سيکاريائين جنهن کي نہ ڄاڻندو هو.

پاڻ سڳورن جي ان سنت مان معلوم ٿئي ٿو ته، سڀ کان پهريان انسانن ۾ علم ۽ شعور پيدا ڪرڻو آهي. ته جيئن انسانن جي خدا سان تعلق جي هڪ اعلي نصب العين تي مؤمنن جي هڪ مضبوط جماعت تيار ٿئي، جيڪا معاشري کي تبديل ڪرڻ جو محرڪ هجي.

*******************************

**قومن جي زندگي منجهڻ ۽ انساني زندگيءَ جي ارتقا ان ڏينهن رڪجڻ شروع ٿي ويندي آهي جنهن ڏينهن سندن دل جي اڳڻ مان اميد جو جنازو نڪرندو آهي ۽ مايوسين جو لشڪر نعرا هڻندو نروار ٿيندو آهي. جنهن فرد يا قوم کي مصيبتن ۽ ناڪامين ۾ مايوس ٿيندي ڏسو ته ان وقت يقين ڪيو، ته سندن اهو آخري ڏينهن آهي. (مولانا ابوالڪلام آزاد)**



**ثناءُ الله سومرو**

## مذهب ۽ مادي ترقي

مذهب ۽ ان جي بنيادي اصولن کي مادي ترقيءَ کان الڳ ۽ بي تعلق نہ سمجهڻ گهرجي، پر دنياوي يعني مادي ترقيءَ لاءِ پڻ مذهب جي بنيادي اصولن جو سهارو وٺڻ ضروري آهي. انسان کي رڳو مادي ترقيءَ تي ئي قناعت نہ ڪرڻ گهرجي. جهڙيءَ ريت انسان جي ترڪيب ۾ جوڙجڪ ۾ جسم ۽ روح ٻئي شامل آهن، اهڙيءَ ريت سندس ترقيءَ جا پڻ ٻہ پهلو آهن: هڪ تمدن جو سڌارو ۽ ٻيو روحاني ترقي يا تزڪيہ نفس، جنهن لاءِ مسلمانن کي اسلام جي سرچشمي مان هدايت حاصل ٿي سگهي ٿي. انسان جو عمل جيتوڻيڪ ظاهريءَ طرح دنياوي ترقي يا سماجي سڌاري لاءِ هجي، پر هو جڏهن ديانت سان ڪم ڪندو آهي ۽ اخلاق جي اصولن جو پاس رکندو آهي تہ دنياوي ترقي ۽ تزڪيہ نفس ٻنهي کي حاصل ڪندو آهي ۽ خدا جي مرضيءَ کي پورو ڪندو آهي. پر اها ڳالهہ ٺيڪ نہ آهي تہ اهي سموريون ڳالهيون سياست جي ذريعي حاصل ٿي سگهن ٿيون. جيڪا شيءِ ڪم کي عدل قرار ڏئي ٿي، ڦڙتيءَ ۽ چستيءَ کي تزڪيي ۾ بدلائي ٿي ۽ حيواني جذبن کي پاڪ ڪري ٿي يعني اسان جي مادي جسم جي ڍير کي انسانيت ۾ بدلائي ٿي، اها فرض جو خيال آهي ۽ اهو خيال حقيقت ۾ فقط خدا ترسيءَ يعني مذهب مان پيدا ٿيندو آهي. انهن مقصدن لاءِ خدا کي موجود ۽ محيط اعليٰ ڪل ۽ عليم ۽ قدير سمجهي جيڪا ڪوشش ڪنداسين اها بلڪل خدا جي مرضيءَ مطابق هوندي. خدا جي مرضي هيءَ آهي تہ سندس عقل واري مخلوق انهن سمورن وسيلن جي ذريعي جيڪي مهيا ڪيا ويا آهن، برتر ٿيندي رهي ۽ ڪمال درجي تي پهچي. پر اهو ڪمال مادي ٻہ هجڻ گهرجي ۽ روحاني ٻہ. دنياوي ترقي انهن اصولن جي تابع آهي، جن کي مجموعي طور عدل يا وچٿرائپ سان تعبير ڪري سگهون ٿا. جيڪو اعتدال رڳو دنياوي ۽ دنيا لاءِ هجي، اهو اڪثر ڪري نمائشي هوندو آهي ۽ تمام جلد ختم ٿي ويندو آهي. تمام جلد مان منهنجي مراد ٻہ ٽي سال نہ پر ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ ٻہ ٽي صديون ٻہ لڳي وينديون آهن. جيڪي ماڻهو مغرب جي مادي ترقيءَ تي فدا آهن، اهي ان ڳالهہ کي نٿا ڄاڻن تہ روحاني عنصر جي نہ هئڻ ڪري انهن جي نظام ۾ ڪهڙيون خوفناڪ خرابيون پيدا ٿي رهيون آهن ۽ ٻين قومن وانگر هيءَ تهذيب پڻ تباهيءَ ڏانهن وڃي رهي آهي. انساني تهذيب تيستائين عروج نٿي ماڻي سگهي، جيستائين انسان پنهنجي زندگيءَ جو رشتو ناتو خدا جي مرضيءَ سان نٿو ڳنڍي. ان شان سان تہ منهنجي عبادت ۽ منهنجون عادتون ۽ زندگي موت سڀ خدا جي واسطي آهي، جيڪو سمورن جهانن جو پالڻهار آهي." ۽ جيستائين هو پاڻ کي انهن سمورين نعمتن جو امين نہ سمجهي جيڪي ڪيس خدا جي طرفان مليل آهن: يعني سندس جسم ۽ روح، سندس طاقت ۽ خودداري، سندس دولت ۽ اختيار، سندس دماغ ۽ هنرمندي.

*(ڪتاب "آنڌي ۾ چراغ" خواجہ غلام السيدين ص204-205)*